Reg No 2677

ABC Certified

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني

سنڌيار

Daily SINDHYAR Karachi

www.dailysindhyar.com

NTN 4129440-8

جلد :12 | سوموم 06 نومبر 2023ع بمطابق 21 ربيع الثاني 1445ھ | شمارو:26 | قيمت 10 روپيا

سنڌ ۾ عام چونڊون وڏي اڪثريت سان ڪلين سئيپ ڪري ڪاميابي حاصل ڪنداسين: ناصر شاهه

بلاول ڀٽو ايندو ملڪ خوشحال ٿيندو دل، جگر، گڙدن، ڪينسر سميت مختلف بيمارين جو مفت علاج سنڌ ۾ ڪيو پيو وڃي

اڳوڻي وزيراعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه سميت پيپلزپارٽي جي سموري قيادت جي محنت سان بلدياتي چونڊون ڪراچي کان ڪشمور ڪينجهر کان ڪارونجهر ۽ ڪمون شهيد تائين ڪلين سئيپ ڪري ڏيکاريو

عمران خان پاران آئي ايم ايف سان سخت ترين معائده ڪيا ويا عمران خان پاران 9 مئي واري سانحي ۾ اڏا ڪيل ڪردار تي ملڪ دشمن انڊيا ۾ خوشيون ملهايون ويون

ايندڙ وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري ئي ٿيندو ۽ بلاول ڀٽو زرداري ئي ملڪ کي بحران مان ڪڍڻ ۽ پاڪستان کي مضبوط ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو : نعمان اسلام شيخ

اسان هميشه عوام جي خدمت ڪئي آهي جو هميشه عوام پنهنجا مسئلا ڪٽي اسان وٽ اچي ٿو جيڪي حل ڪيا ويندا آهن : سيد ڪميل حيدر شاهه

ڪائونسلر عرفان علي دائود پوٽو سميت جلسي ۾ هزارين عورتون مردن ۽ ٻارڙن پاران آيل مهمانن جو گلن جي ورڪا سان شاندار استقبال ڪيو ويو ۽ سيد ناصر حسين شاهه، نعمان اسلام شيخ، سيد ڪميل حيدر شاهه کي سنڌ جي ثقافت پٽڪا پهريا ويا

روهڙي (رپورٽ) ملڪ جو 22 ڪروڙ عوام نوجوان قيادت محبوب ليڊر چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڏانهن ڏسي رهيو آهي ته بلاول ڀٽو ايندو ملڪ خوشحال ٿيندو دل، جگر، گڙدن، ڪينسر سميت مختلف بيمارين جو مفت علاج سنڌ ۾ ڪيو پيو وڃي اهڙن خيالن جو اظهار اڳوڻي صوبائي وزير بلديات سنڌ سيد ناصر حسين شاهه اڳوڻو ايم اين اي نعمان اسلام شيخ ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه روهڙي جي علاقي نيويارڊ ڪالوني ناز گرائونڊ ۾ ڪائونسلر عرفان علي دائود پوٽو پاران منعقد ڪيل جلسي جي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو سيد ناصر حسين شاهه جو چوڻ هو ته اڳوڻي وزير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

روهڙي: ڪائونسلر عرفان علي دائود پوٽو پاران منعقد ڪيل جلسي کي ناصر شاهه، نعمان اسلام شيخ، سيد ڪميل حيدر شاهه خطاب ڪندي

حڪومت پيٽروليم شين جي اسٽريٽجڪ ذخيرن ۾ واڌ جو فيصلو وچ اوڀر جي صورتحال سبب ڪيو : ذريعا

نگران حڪومت طرفان پيٽروليم شين جا اسٽريٽجڪ ذخيرا وڌائڻ جو فيصلو

پاڪستان پيٽروليم شين جي درآمد ڪندو آهي پراسٽوريج جي گنجائش وڌائڻ جي اشد ضرورت آهي، پي ايس او وٽ پيٽروليم مصنوعات جا اسٽريٽجڪ ذخيرا هوندا : پيٽروليم ذريعا

هن وقت ملڪ ۾ پيٽروليم ڪمپنين کي 21 ڏينهن لاءِ پيٽروليم شين جو ذخيرو ڪرڻو آهي، حڪومت چاهي ٿي ته اسٽريٽجڪ پيٽروليم جا ذخيرا گهٽ ۾ گهٽ 3 مهينن لاءِ هجن

ملڪي ضرورتن جو محتاط جائزو وٺڻ ڪانپوءِ ئي حتمي ذخيرن ۽ مدي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو، جنهن لاءِ حڪومت فريم ورڪ تيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي

آئل اينڊ گيس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) فوري طور تي عالمي ماهرن جي مدد سان اسٽريٽجڪ پيٽروليم ذخيرن بابت نئون فريم ورڪ تيار ڪندي

نئين فريم ورڪ ۾ ملڪي خام تيل، ريفائنڊ پيٽروليم جي گهرج ۽ ذخيري جو تعين ڪيو ويندو، فريم ورڪ پڻ مختلف شين جي اسٽريٽجڪ پيٽروليم ذخيرن جي مدت جو تعين ڪندو

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) نگران حڪومت پيٽروليم شين جا اسٽريٽجڪ ذخيرا وڌائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. پيٽروليم ڊويزن جي ذريعن موجب حڪومت پيٽروليم شين جي اسٽريٽجڪ ذخيرن ۾ واڌ جو فيصلو وچ اوڀر جي صورتحال سبب ڪيو ذريعن موجب پاڪستان پيٽروليم شين جي درآمد ڪندو آهي پراسٽوريج جي گنجائش وڌائڻ جي اشد ضرورت آهي، پي ايس او وٽ پيٽروليم مصنوعات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

پشاور: خيبر ٽيچنگ اسپتال جي��ڊائريڪٽر ڊاڪٽر محمد ظفر آفريدي نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ کي اعزازي شيلڊ پيش ڪندي

اسلام آباد جي عدالت فواد چوڌري کي 2 ڏينهن جي جسماني رمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري کي بڪتر بند گاڏي ۾ ڊسٽرڪٽ جوڊيشل ڪمپليڪس آندو ويو

پوليس فواد چوڌري جي منهن تي ڪپڙو وجهي ڊيوٽي مئجسٽريٽ عباس شاهه جي عدالت ۾ پيش ڪيو

فواد چوڌري کي ظهير نالي شخص طرفان داخل ڪيل ايف آءِ آر تي گرفتار ڪيو ويو

اسلام آباد(م ڊ) اسلام آباد جي مقامي عدالت اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري کي ڏمڪين ڏيڻ واري ڪيس ۾ 2 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري کي مقامي عدالت ۾ آندو پيو وڃي

۾ سون جي قيمت ۾ تيزيءَ سان واڌ جو سلسلو جاري

ڪراچي (م ڊ) ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ تيزيءَ سان واڌ جو سلسلو جاري آهي اڄ به سون جي قيمت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ملڪ جي مختلف شهرن ۾ عام واهپي جي شين جون قيمتون وڌي ويون

آڇر بازار ۾ ادرڪ 600، بصر 120، پٽاٽا 120 ۽ ٽماٽا 200 روپيه، پينڊي 130 ۽ گوبي 150 روپيه في ڪلو وڪروٽي رهيا آهن

پيٽرول جي قيمت گهٽ ٿي آهي پر اوپن مارڪيٽ ۾ مهانگائي ۾ لاٿ نه اچي سگهي آهي : خريدار

لاهور (م ڊ) پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ لاٿ جي باوجود ملڪ جي سمورن وڏن شهرن ۾ عام واهپي جي شين جي قيمتن ۾ لاٿ نه اچي سگهي آهي. لاهور ۾ مهانگائي جي لهر جا اثر لاءِ. ايندڙن جو چوڻ آهي ته پيٽرول جي قيمت گهٽ ٿي آهي پر اوپن مارڪيٽ ۾ مهانگائي ۾ لاٿ نه اچي سگهي آهي. آڇر بازار ۾ فروٽ جا ريٽ ب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

آڇر بازار تائين پهچي ويا آهن آڇر بازار ۾ ادرڪ 600، بصر 120، پٽاٽا 120 ۽ ٽماٽا 200 روپيه، پينڊي 130 ۽ گوبي 150 روپيه في ڪلو وڪروٽي رهيا آهن آڇر بازار خريداري جي

مولانا فضل الرحمان جون حماس اڳواڻن اسماعيل هانيه ۽ خالد مشعل سان ملاقات

وفد سان گڏ قطر ۾ موجود جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان حماس اڳواڻن سان ملاقات دوران فلسطين مسئلي تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون

ملاقات ۾ سيڪريٽري جنرل جي يو آءِ سنڌ مولانا راشد محمود سومرو ۽ مفتي ابرار احمد به شريڪ ٿيا

اسرائيل فلسطين ۾ ظلم ڪري ڪعبه اول کي تبديل ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو آهي: مولانا فضل الرحمان

دوحه (م ڊ) جمعيت علماءِ اسلام جي سربراهه مولانا فضل الرحمان قطر ۾ حماس اڳواڻن اسماعيل هانيه ۽ خالد مشعل سان ملاقات ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

دوحه: مولانا فضل الرحمان حماس اڳواڻن اسماعيل هانيه ۽ خالد مشعل سان ملاقات دوران ڀيٽل آهي

حماس جي اهم اڳواڻن سان ملاقاتن لاءِ مولانا فضل الرحمان قطر پهچي ويو

اسلام آباد (م ڊ) جمعيت علماءِ اسلام جي امير مولانا فضل الرحمان حماس جي اوڳاڻن سان اهم ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اسان جو منشور خيرات نه مراعتن تي ٻڌل آهي: فردوس عاشق اعوان

اسان جي جلسن جي ڪاميابين تنقيد ڪندڙن جا وات بند ڪري ڇڏيا آهن

آءِ پي پي منفرد ۽ عمل جوڳو منشور پيش ڪيو آهي

لاهور (م ڊ) استحڪام پاڪستان پارٽي جي اطلاعات سيڪريٽري فردوس عاشق اعوان چيو ته اسان جو منشور خيرات نه مراعتن تي ٻڌل آهي. ٻنهنجي بيان ۾ فردوس عاشق اعوان چيو ته اسان جي جلسن جي ڪاميابين تنقيد ڪندڙن جا وات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

غزه ۾ پناهگيرن جي ڪيمپ تي اسرائيلي بمباري، عورتن ۽ ٻارن سميت 51 جڻا شهيد

فلسطيني خبرون ڏيندڙ اداري موجب شهيدن ۾ گهڻو ڳنگ ٻارن ۽ عورتن جو آهي. اسرائيلي بمباري سبب ڪيترائي گهر تباهه ٿي ويا ۽ انفرا اسٽرڪچر کي به نقصان پهتو

اسرائيلي جنگي جهازن المغازي ڪيمپ ۾ سمعان خاندان جي گهر کي نشانو بنايو

اسرائيلي فوج غزه جي پٽي تي پنهنجي فضائي ۽ زميني حملن جو دائرو وڌائي ڇڏيو

غزه (م ڊ) غزه ۾ المغازي پناهگيرن جي ڪيمپ تي اسرائيلي فضائي حملي ۾ 51 فلسطيني شهيد ڄاڻن ته ڪيترائي زخمي ٿي پيا. فلسطيني خبرون ڏيندڙ اداري موجب شهيدن ۾ گهڻو ڳنگ ٻارن ۽ عورتن جو آهي. اسرائيلي بمباري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

گهڻو اهم آهي ته اليڪشن ڪميشن جي ڏنل تاريخ تي اليڪشن ٿئي: رضا رباني

2023ع جي پهرين نصف ۾ 217 حملن ۾ 389 ماڻهو موت جو شڪار ٿيا ۽ 256 زخمي ٿيا

اهو نظر ۾ رکيو وڃي ته غير قانون رهندڙ افغان پناهگيرن جي واپسي جي وقت هي حملا ٿيا

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) اڳوڻي سينيٽ جي چيئرمين رضا رباني چيو آهي ته گهڻو اهم آهي ته نيشنل ايڪشن پلان تي عمل ٿئي. ۽ اليڪشن ڪميشن جي ڏنل تاريخ تي اليڪشن ٿئي هڪ بيان ۾ رضا رباني چيو ته سيڪيورٽي فورسز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

فيض آباد ڌرڻو ۽ ماضي کي وساري اڳتي وڌڻ جي تجويز

راجا پرويز اشرف سياسي پارٽين وچ ۾ ڊائلاڳ ۽ نئين سوشل ڪانٽريڪٽ جي تجويز به ڏئي ڇڏي

ڇا فيض آباد ڌرڻي جي ڪردارن کي گهرائي حقيقتون سامهون آڻڻ گهرجن : راجا پرويز اشرف

ڇا اسان کي ماضي ۾ هلڻو آهي. يا مستقبل به ڪا شئي آهي. جنهن ۾ قدم رکڻو آهي. مشورو ڪيو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) قومي اسيمبلي اسپيڪر راجا پرويز اشرف فيض آباد ڌرڻي ۽ ماضي وساري اڳتي وڌڻ جي تجويز ڏئي ڇڏي. هڪ انٽرويو ۾ قومي اسيمبلي اسپيڪر ۽ پيپلز پارٽي اڳواڻ راجا پرويز اشرف سياسي پارٽين وچ ۾ ڊائلاڳ ۽ نئين سوشل ڪانٽريڪٽ جي تجويز به ڏئي ڇڏي. راجا پرويز اشرف کان سوال ڪيو ويو ته ڇا فيض آباد ڌرڻي جي ڪردارن کي گهرائي حقيقتون سامهون آڻڻ گهرجن. جواب ۾ هن چيو ته جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي. ان جو اسان کي نتيجو ڏيڻو آهي. اسان 75.76 سال گذرڻ جي باوجود پنهنجي پيرن تي ناهيون بيٺا. هن چيو ته ڇا اسان کي ماضي ۾ هلڻو آهي. يا مستقبل به ڪا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

رائيونڊ: تبليغي اجتماع جي اختتامي دعا ۾ شرڪت ڪندڙ دعا گهرندي

اسرائيلي فوج جي نگران ۾ مقامي ۽ پرڏيهي صحافين پاران غزه جو دورو

اسرائيلي فوج جي نگران ۾ مقامي ۽ پرڏيهي صحافين اتر غزه جو دورو ڪيو آهي ۽ تباهي پنهنجي اکين سان ڏٺي

عرب ميڊيا مطابق اتر غزه جو دورو ڪندڙ آسٽريلوي ميڊيا جي صحافي چيو ته هي مڪمل تباهي جو منظر آهي

غزه ۾ عمارتون بمباري سان ڏاڍا ۽ ڪاريون ٿي ويون آهن. ٽينڪن جي بمباري سان باهه جا شعلا ڏسي سگهجن ٿا

تل ابيب(م ڊ) اسرائيلي فوج جي نگران ۾ مقامي ۽ پرڏيهي صحافين اتر غزه جو دورو ڪيو آهي. ۽ تباهي پنهنجي اکين سان ڏٺي. عرب ميڊيا مطابق اتر غزه جو دورو ڪندڙ آسٽريلوي ميڊيا جي صحافي چيو ته هي مڪمل تباهي جو منظر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اسان کي ٻڌايو ئي نه ويو ته فواد کي ڪنهن ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو: حبا فواد

قسم سان چوان ٿي ته اهڙو ڪجهه ناهي، جي ڪڏهن ڪجهه هجي ها ته ڇا پاڪستان ڊيموڪريڪٽ فواد کي ڇڏي ها

گذريل ڏينهن فردوس عاشق اعوان چيو هو ته فواد چوڌري جو رستو نيڪ ناهي، فواد چوڌري جي زال حبا فواد جون ميڊيا سان ڳالهيون

اسلام آباد (بيورو) اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري جي زال حبا فواد چيو آهي ته اسان کي ٻڌايو ئي نه ويو آهي ته فواد کي ڪنهن ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي. ڪورٽ ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هاڻي پتو پيو ته فواد چوڌري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

افغان پناهگيرن جي نيڪالي لاءِ سنڌ هاري تحريڪ ۽ عوامي تحريڪ طرفان ريلي ڪڍي وئي

سنڌي هاري تحريڪ ۽ عوامي تحريڪ طرفان ميرپورخاص شهر ۾ هزارين ماڻهن جي ريلي ڪڍي وئي

ريلي ۾ وڏي تعداد ۾ عورتون، ٻارڙا، هاري، مزدور، شاگرد، وڪيل ۽ آباد گار شامل هئا، ريلي ۾ سخت نعريبازي ڪئي وئي

سنڌ ۾ لاقانونيت جو راڄ آهي، صحافي جان محمد مهر جي قاتلن کي اڃا تائين گرفتار نه ڪيو ويو آهي، اڳواڻ

ميرپورخاص(رپورٽ) افغانين ۽ ٻين غير ملڪين جي نيڪالي ۽ جاگيرداري نظام جي خاتمي لاءِ زرعي انقلاب جي نالي ۾ سنڌ جي لڪين ايڪڙ زمينن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

لاهور: پاڪستان مرڪزي مسلم ليگ ويمن ونگ طرفان فلسطيني حق ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

ناٽي جي پهچ وڌائڻ لاءِ اسٽيٽ بئنڪ ۽ عرب مانيٽري فنڊ ۾ معاهدو

ڪراچي (م ڊ) ناٽي جي پهچ وڌائڻ لاءِ اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان ۽ عرب مانيٽري فنڊ وچ ۾ مفاهمت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

عام چونڊون، پولنگ اسٽيشنز ناهڻ لاءِ تفصيل طلب

اليڪشن ڪميشن عام چونڊن ۾ پولنگ اسٽيشنز ناهڻ لاءِ سمورن ضلعن ۽ خانگي اسڪولن جو تفصيل گهريو

خانگي اسڪولن ۽ اسٽافن کي متبادل طور تي رکيو ويندو : ترجمان اليڪشن ڪميشن

لاهور(م ڊ) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان عام چونڊن جي تيارين جي سلسلي ۾ مڙني ضلعن کان خانگي تعليمي ادارن ۽ سنڌن اسٽافن جو تفصيل طلب ڪري وتر آهي. اليڪشن ڪميشن عام چونڊن ۾ پولنگ اسٽيشنز ناهڻ لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

غزه مان فلسطينين کي نيڪالي ڏيڻ جو اسرائيلي پلان سامهون اچي ويو

اسرائيلي حڪومت جو غزه مان فلسطينين کي نيڪالي پلان سامهون اچي ويو

فلسطينين کي مصر جي علاقي سينائي منتقل ڪرڻ جي سفارش ڪئي وئي آهي

تل ابيب (م ڊ) اسرائيلي حڪومت جو غزه مان فلسطينين کي نيڪالي پلان سامهون اچي وي. پرڏيهي خابرو اداري مطابق اسرائيلي ويب سائيٽ اسرائيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسان نه ويندا سين، پر عزم فلسطينين ٻارڙن جو غزه نه ڇڏڻ جو پيغام

يهودي فوج غزه جي معصوم ٻارڙن جي عزم کي به توڙڻ ۾ ناڪام ٿي رهي آهي

تازوئي بمباري ۾ بي گهر ٿيل ڪيترن ئي بي گهر ٿيندڙ فلسطيني خاندانن پناهه ورتي آهي

والاريل بيت المقدس (م ڊ) غزه تي اسرائيلي فوج جي وحشيانه بمباري جاري آهي. جڏهن ته يهودي فوج غزه جي معصوم ٻارڙن جي عزم کي به /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

افغانين کي وطن واپسي لاءِ وقت ڏنو وڃي، افغاني وزيراعظم

افغانستان جي وزيراعظم پاڪستان کان گهر ڪئي آهي ته افغانين جي تڙليل نه ڪريو

جيڪڏهن اوهان جو امارت اسلامي سان ڪو مسئلو آهي اهو ڳالهيون سان حل ٿي سگهي ٿو

ڪابل (م ڊ) افغانستان جي وزيراعظم ملا حسن آخوند پاڪستان کان گهر ڪئي آهي ته افغانين جي تڙليل نه ڪريو. پر کين وطن واپسي لاءِ وقت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

مڪاني چونڊ، مرتضيٰ وهاب صدر يوسي 13 جو چيئرمين منتخب

چيئرمين جي سيٽ تي پ پ جو مرتضيٰ وهاب 3976 ووٽ ڪٽي ڪاميابه ٿيو

جماعت اسلامي جي اميدوار نور السلام 1566 ووٽ حاصل ڪيا

ڪراچي (رپورٽ) ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب صدر جي يوسي 13 جو چيئرمين چونڊجي ويو. ڪراچي جي پنجن ضلعن ۾ اڄ چيئرمين وائيس چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

تهران: حماس اڳواڻ جي آيت الله خامنه اي سان ملاقات

اسام حمدان اسماعيل هنيه جي تهران پهچڻ بابت ٻڌايو پر ايران جي دوري بابت وڌيڪ تفصيل نه ٻڌايو

اسرائيلي فوج اڄ به غزه ۾ اسماعيل هنيه جي گهر تي ڊرون حملو ڪيو

تهران (م ڊ) حماس جو سربراهه اسماعيل هنيه تهران پهچي ويو. جتي هن ايراني سپريم ليڊر آيت الله خامنه اي سان ملاقات ڪئي. عرب ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير هيلٿ ڊاڪٽر نديم جان ڪميونٽي هيلٿ سينٽر جو دورو ڪندي

ڪانگو وائرس جانورن مان انسانن ۾ منتقل ٿيو: ڊبليو ايچ او

سڄي دنيا ۾ ڪانگو وائرس ڪان متاثر ٿيلن ۾ وڏي تعداد ۾ ڊاڪٽر ۽ نرسون شامل آهن

ڪانگو وائرس سبب فوت ٿيلن جي تدفين لاءِ به احتياط جي ضرورت آهي

اسلام آباد (ويب ڊيسڪ) ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن (ڊبليو ايچ او) جو چوڻ آهي ته موتمار ڪانگو وائرس جانورن مان انسانن ۾ پکڙجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

چونڊن جي حوالي سان ملڪي تاريخ چڱي ناهي رهي: نويد قمر

ايندڙ عام چونڊون جوڊيشنل جي ذريعي ڪرايون وڃن يا ايڪزيٽو جي ذريعي اسان تي ڪو به فرق نه ٿو پوي

ملڪ ۾ عام چونڊون ٿيڻ واريون آهن هاڻي چونڊڻ کان پوءِ ٻهانو بٺائي پڇڻ ڏکيو هوندو، پ پ اڳواڻ

ڪنڊو محمد خان (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ سيد نويد قمر چيو آهي ته ايندڙ عام چونڊون جوڊيشنل جي ذريعي ڪرايون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

استيل ٽائون قائداعظم پارڪ جي ريجهو واٽر ڪارپوريشن جي 54 انچ پي آر آر سي لائين متاثر ٿي رهي: ترجمان واٽر ڪارپوريشن

متاثر ٿيل لائين پيپري رزروائر مان شهر کي 70 ايم جي�ڈي پاڻي فراهم ڪيو ويندو آهي

لائين متاثر ٿيڻ سبب بن قاسم، لاڙيي، ڪورنگي، ابراهيم حيدري، اختر ڪالوني، ڊي ايچ اي ۽ ڪشمير ڪالوني ۾ پاڻي جي فراهمي متاثر ٿيندي

شهر کي مجموعي طور تي 60 ايم جي ڊي پاڻي جي ڪوٽ کي منهن ڏيڻو پوندو، هن چيو: لائين جي بحالي جو ڪم هنگامي بنيادن تي شروع ڪيو ويو آهي

ڪراچي(رپورٽر) ترجمان واٽر ڪارپوريشن مرحب اسٽيل ٽائون قائداعظم پارڪ جي ريجهو واٽر ڪارپوريشن جي 54 انچ پي آر آر سي لائين متاثر ٿي رهي. متاثر ٿيل لائين پيپري رزروائر مان شهر کي 70 ايم جي ڊي پاڻي فراهم ڪيو ويندو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پختون خواهه ۾ ڪنهن سان اتحاد ڪانسواءِ حڪومت نا هيندا سين: ظاهر شاهه

پي ٽي آءِ اليڪشن پنهنجي تڪ تي وڙهندي ۽ صوبي ۾ ايندڙ حڪومت پي ٽي آءِ جي هوندي

پي ٽي آءِ صوبي جي واحد مضبوط جماعت آهي، پي ٽي آءِ ڪانسواءِ سموريون سياسي پارٽيون عوام کان منهن لڪائي رهيون آهن

پشاور(م ڊ) پي ٽي آءِ خيبرپختونخواهه جي نائب صدر ظاهر شاهه تروچيو آهي ته صوبي ۾ مستقبل جي حڪومت پي ٽي آءِ جي هوندي، ڪنهن به اتحاد جي ناهي. صوبائي نائب صدر ظاهر شاهه تروچيو ته سياسي پارٽين طرفان اتحاد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

اسحاق ڊار صدر عارف علوي کان استيفيٰ ڏيڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

ميان نواز شريف عدالتي ڪارروائي کان سواءِ اليڪشن وڙهڻ جي اهل آهي يا نه ان جو جواب ڪمنٽ نو آهي

ان کان پڇا ڪئي وئي ته آصف زرداري چوي ته مان ميان نواز شريف کي وزيراعظم نه بڻجڻ ڏيندس

ڪنهن جون خواهشون رکڻ جي ڪائي قيمت ناهي هوندي ان سوال تي ن ليگ لاڏلي بڻجي چڪي آهي

اسلام آباد (بيورو) اڳوڻي ناٽي واري وزير ۽ سينيٽ ۾ قائد ايوان سينيٽر اسحاق ڊار صدر عارف الوي کان استيفيٰ جو مطالبو ڪري ڇڏيو هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪوئيٽا: پشتونخواه ملي عوامي پارٽي جو سربراهه محمود اچڪزئي پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

شاگرد پنهنجي شعبي ۾ پاڪستان جي بهتر اميج کي اجاگر ڪن : ارشد ولي محمد

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سياحت، ماحوليات، موسمياتي تبديلي ۽ ساحلي ترقي واري نگران وزير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ٽنڊو شهر ۾ قومي عوامي تحريڪ سنڌي شاگرد تحريڪ طرفان احتجاجي مظاهرو

ڪارڪنن پاران شاهنواز چوڪ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

فيض محمد ڪوسو رازق ڏنو چلگري اسماعيل ملاح اڪبر ملاح منظور علي درس ۽ ٻين پاران شرڪت

ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ انتهاپسند گروه طرفان سنڌي ٻولي خلاف تعصباڻو رويو ختم ڪيو وڃي:مظاهرين

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ٽنڊو شهر ۾ قومي عوامي تحريڪ سنڌي شاگرد تحريڪ طرفان شاهنواز چوڪ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ قومي عوامي تحريڪ سنڌي شاگرد تحريڪ جي اڳواڻ محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

بدين: قومي عوامي تحريڪ سنڌي شاگرد تحريڪ جا اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊوالهيار ويجهو ٽنڊو موري وٽ غيرقانوني وٽن جي وڍي خلاف احتجاج جو نوٽيس

ٽنڊوالهيار (رپورٽ) ٽنڊوالهيار ويجهو ٽنڊو موري وٽ فاريسٽ ڪاٽي طرفان مبينا غيرقانوني وٽن جي وڍي ڪرڻ تي گوٺائن پاران ڪيل احتجاج جو ڊپٽي ڪمشنر الطاف گوهر ميمڻ نوٽيس ورتو. ڊپٽي ڪمشنر جي حڪم تي ريونيو آفيسر ۽ پوليس نصير واه تي پهچي گوٺائن سان ملاقات ڪئي پئي طرف ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪراچي ۾ شهيد ڪائونسلر محمد حبيب جا جوابدار گرفتار نه ٿيا، احتجاجي مظاهرو

نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي ۽ سياسي سماجي ڌرين جي ڪارڪنن پاران احتجاج ڪيو ويو

اصل جوابدار ڏوهاري گينگ جا ميمبر محمد بابو، عدنان اظهار، مزمل بيگ ۽ ٻيا آهن:مظاهرين

ڪراچي (رپورٽر) شهيد ڪائونسلر محمد حبيب جي اصل قاتلن محمد بابو ، عدنان اظهار ، مزمل بيگ، سنڌن دهشتگرد ساٿارين سان گڏ: سنڌن سرڪاري سرپرست ، دهشتگردن جي ساڪي سب انسپيڪٽر طارق خالد ۽ سندس قتل ٽيم کي هڪدم گرفتار ڪري جوڳي سزا ڏني وڃي نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي ۽ سياسي سماجي ڌرين جي ڪارڪنن پاران احتجاجي مظاهرو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

مانجهند ۾ زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس جي ڏاڍاين خلاف پٽي برادري پاران احتجاج

زمين تي مبينا قبضي ۽ حملي آور جوابدارن تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف پٽي برادري طرفان ريلي

بااثر وڏيرو اختر پٽي غريب مسڪين ماڻهن جي 80 ايڪڙ زمين تي قبضو ڪري ويٺو آهي: مظاهرين

پنهنجي اٻن ڏاڏن جي زمين تان هرگز هٽ نه ڪنداسين مسئلو حل ٿيڻ تائين جدجهد جاري رهندي :ڳالهيون

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند ۾ زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس جي ڏاڍاين خلاف پٽي برادري جو ڏهين ڏينهن به احتجاج عوامي عدالت ۾ سچائي ڌرين طرفان جائز مدد ڪرڻ جو اعلان تفصيل موجب مانجهند ۾ زمين تي مبينا قبضي ۽ حملي آور جوابدارن تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف پٽي برادري طرفان ڏهين ڏينهن ب احتجاج ڪندي عوامي عدالت لڳائي وئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

مانجهند: زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس جي ڏاڍائين خلاف پٽي برادري جا ماڻهو احتجاج ڪندي

ميهڙ ۾ رولو ڪتن جو آزار گهٽجي نه سگهيو، ڪتي جي چڪ لڳڻ سبب 2 عورتون زخمي

ميهڙ (رپورٽ) ميهڙ ۾ ڪتن جو آزار گهٽجي نه سگهيو ڪتي جي چڪ لڳڻ سبب سس ۽ ننهن زخمي ، تعلقه اسپتال ميهڙ مان ڏاڏو منتقل ميهڙ جي گوٺ ڏاو شينهڻ ۾ زمين تي ريندڙ ٻن عورتن مسمات جميلا زال ممتاز علي ڪوسو ۽ مسمات ڪزيانو ڪوسو کي چني ڪتي چڪ هڻي زخمي ڪري ڇڏيو زخمي عورتن مان هڪ عورت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڪنڌڪوٽ جي پرپاسي گوٺ قياس آباد پيو جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

عبدالمالڪ پيو، رياض احمد پيو، خادم حسين، منير احمد ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

ڪنڌڪوٽ جي پيو برادري سان ٿيندڙ زيادتيون ڪشمور پوليس حد کان وڌي وئي آهي:مظاهرين

پوليس زيادتين جو سلسلو بند نه ڪيو ويو ته پيو برادري سنڌ ۾ احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندي:اڳواڻ

سڪر (رپورٽ.امداد علي گل ڪلوڙ) ڪنڌڪوٽ جي پرپاسي گوٺ قياس آباد پيو جي رهواسين پيو برادري جي وڏي انگ ۾ ايڊووڪيٽ اياز احمد پيو، عبدالمالڪ پيو، رياض احمد پيو، خادم حسين، منير احمد ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پوليس جي زيادتين خلاف سڪر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري پوليس ۽ بيڪگاهه ماڻهن جي گرفتاري خلاف سخت تعريبازي ڪئي. مظاهرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

پيپلز پارٽي روهڙي طرفان نيو يارڊ ڪالوني ۾ سياسي قوت جو مظاهرو، شاندار عوامي جلسو

اڳوڻي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاه ، اڳوڻو ايم اين اي نعمان اسلام شيخ ۽ ٻين جي شرڪت

جذبن ۽ پيار تي اوهانجو ٿورائتو آهيان ايندڙ عام چونڊن 8 فيبروري تي پ پ جا اميدوار ڪامياب ٿيندو

هتي فلٽر پلانٽ ، ڪيٽل ڪالوني ، اسڪولن جي اپ گريڊيشن سميت ٻين مسئلن کي حل ڪيو ويو: اڳواڻ

سڪر (رپورٽ.امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلز پارٽي روهڙي طرفان نيو يارڊ ڪالوني ۾ منعقد جلسي ۾ اڳوڻي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاه ، اڳوڻو ايم اين اي نعمان اسلام شيخ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سنڌي شاگرد تحريڪ ٽرپاڪر طرفان ڪراچي يونيورسٽيءَ انتظاميا خلاف احتجاج

مئي (ڊ ر) سنڌي شاگرد تحريڪ ٽرپاڪر طرفان اڄ ملي ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي سڏ تي ايس ايس ٽي مرڪزي صدر دانش پرمار، قومي عوامي تحريڪ ضلعي صدر شاهنواز هگورجو، جنرل سيڪريٽري صبحان بجير، قومي عوامي تحريڪ مرڪزي اڳواڻ زاهد گل ارئن، پرشوتم پرمار، وزير سميجو، سيا ڳو اوئن، پرت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڊاڪٽر اشوڪ بختاڻي کي پيٽا، اينگرو ڪيمپس اسڪول جو نالو مٽايو ويو، ميڙ تقريب منعقد

ڊاڪٽر اشوڪ هڪ شاندار پروفيشنل هئڻ سان گڏوگڏ زنده دل ۽ مهمان نواز شخص هو: يوسف صديقي

اشوڪ بختاڻي تاريخ جو جاڻو هو، هن جي ياداشت ڪمال جي هئي، هو هڪ پروفيشنل سان گڏ زنده دل ماڻهو هو

هو ماڻهن جي پلائي چاهيندو، سندس پروفيشنل زندگي به ماڻهن جي پلائي وارن ڪمن ۾ گذري: تقريب کي خطاب

اسلام ڪوٽ (رپورٽ صادق بجير) ٽرپاڪر جي ناميارو ڏاهي ڊاڪٽر اشوڪ بختاڻي کي پيٽا ڪندي ملي ۾ موجود اينگرو ڪيمپس اسڪول جو نالو بدلائي ڊاڪٽر اشوڪ بختاڻي ڪيمپس اسڪول رکيو ويو، اينگرو اينرجي جي سي اي او يوسف صديقي چيو آهي ته ڊاڪٽر اشوڪ هڪ شاندار پروفيشنل هئڻ سان گڏوگڏ زنده دل ۽ مهمان نواز شخص هو، ٿر جي ماڻهن لاءِ ڪيل سندس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سجاول ضلع ۾ پيپلزپارٽي ٻن واضح ڌڙن ۾ تقسيم، ٻن سياسي طاقتن طرفان پاور شو

ٻن ڌڙن پاران هڪ ئي وقت ۽ هڪ ئي يونين ڪائونسل ۾ 2 جدا جدا عوامي جلسه منعقد ڪيا ويا

گوٺ گل محمد سولنگي ۾ پ پ ورڪر محمد صالح سولنگي جي جلسي ۾ محمد علي ملڪاڻي ۽ ٻيا سريڪ

فتح محمد ابڙو ۾ فقط هڪ ڪلو ميٽر جي فاصلي تي پ پ ۾ شامل شيرازي برادران پاران الڳ پاور شو ڪيو ويو

ڏاو (ن سنڌ يار) ڏاو: سجاول ضلع ۾ پيپلزپارٽي ٻن واضح ڌڙن ۾ تقسيم..!! ڏاو لڳ يو سي اڪبر شاه ۾ پ پ جي ٻن سياسي طاقتن طرفان پاور شو..!! 2 جدا جدا جلسي عام منعقد. پنهي جلسن ۾ هزارين ماڻهن جي شرڪت. ريلي. تفصيل موجب سجاول ضلع ۾ پ پ ٻن ڌڙن ۾ تقسيم ٿي وئي آهي، پ پ جي ٻن ڌڙن پاران هڪ ئي وقت ۽ هڪ ئي يونين ڪائونسل ۾ 2 جدا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڏاو: پ پ جي جلسي کي اڳوڻو ايم اين اي اياز شاه شيرازي ۽ ٻيا اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

ملڪ کي معدني وسيلن جي ٻاڙ تي ٻڌل توانائي جي منصوبن تي پروسو نه ڪرڻ گهرجي: ماهر

سانگهڙ (رپورٽر) سماجي تنظيم سسٽين ايبل ڊولپمينٽ فائونڊيشن ۽ گرو گرين نيٽ ورڪ ۾ شامل پاڪستان جي سول سوسائٽي جي تنظيمن سمورين سياسي پارٽين تي زور پريو آهي ته توانائي جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪيو وڃي. ان سلسلي ۾ (سسٽين ايبل ڊولپمينٽ فائونڊيشن) پاران (سانگهڙ) ۾ (هڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دادو جي ڪچي واري علاقي گوٺ دانو چانڊيو ۾ ٻن ڌرين ۾ تڪرار تيز

اڪبر چانڊيو جي هٿياربند ڌر رستم چانڊيو جي گهرن تي فائرنگ ڪري مينهون ماري ڇڏيون

فائرنگ جو سلسلو جاري، ساجن چانڊيو پريس ڪلب آڏو مظاهري بعد انصاف جي گهر ڪري ڇڏي

جلد گوٺ دانو چانڊيو ۾ پوليس پڪٽ قائم ڪري وڏيڪ جاني مالي نقصان ٿيڻ کان بچايو وڃي:مطالبو

دادو(ن سنڌيار) دادو جي ڪچي واري علاقي ۾ واقع گوٺ دانو چانڊيو ۾ چانڊيا برادري جي 2 ڌرين ۾ زميني تڪرار تيز ٿي ويو. فائرنگ جو سلسلو رڪجي نه سگهيو. هڪ ڌر جو چوڻ آهي ته اڪبر چانڊيو جي هٿياربند رستم چانڊيو جي گهرن تي چڙهائي ڪري فائرنگ ڪري 3 کان وڌيڪ مينهون ماري ڇڏيون. ڌرين ۾ فائرنگ جو سلسلو جاري. متاثر ڌر رستم ۽ ساجن چانڊيو دادو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

دادو اي سيڪشن پوليس جو اسٽريٽ ڪرمنلن سان مقابلو، هڪ ڦورو گرفتار

گشت دوران پوليس پارٽي ايس ايچ او محمود خان پناڻ جو هٿياربندن سان مقابلو ٿيو

زخمي حالت ۾ گرفتار ڦوروجي سڃاڻپ محمد علي عرف صمد خاصخيلي نالي ٿي آهي

دادو(ن سنڌيار) دادو شهر جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ سيوهڻ لنڪ روڊ تي مبينا پوليس مقابلي هڪ ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار پوليس ان وٽان پستل ۽ گوليون هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي، زخمي حالت ۾ گرفتار ڦورو جي سڃاڻپ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

شفا فائونڊيشن نوشهرو فيروز چائيلڊ پروٽيڪشن يونٽ طرفان ٻن ڏينهن جو تربيتي پروگرام

پروگرام ۾ استادن، صحافين، پوليس اهلڪارن، مانيٽرنگ آفيسر سميت ٻين شهرين شرڪت ڪئي

نقصانن سان گڏ پيدا ٿيندڙ نفسياتي مسئلن کي ڄاڻڻ، انهن کي روڪڻ لاءِ اپاءَ وٺڻ ۽ انهن جا حل ڳولڻ هيو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) شفا فائونڊيشن نوشهرو فيروز چائيلڊ پروٽيڪشن يونٽ طرفان مختلف شعبن سان لاڳاپيل ادارن جي ماڻهن لاءِ ٻن ڏينهن جو تربيتي پروگرام رکيو ويو جنهن ۾ استادن، صحافين، پوليس اهلڪارن، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز: شفا فائونڊيشن نوشهرو فيروز چائيلڊ پروٽيڪشن يونٽ طرفان تربيتي پروگرام ٿي رهيو آهي

پاڪستان تحريڪ انصاف تعلقه دادو جو اجلاس ٿي گذريو، ڪارڪنن پاران شرڪت

عهديدارن کي ڪراچي ۾ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ سان ٿيل ملاقات بابت آگاهي

اليڪشن جي تياري لاءِ ورڪرن سان رابطو تيز ڪرڻ ۽ عوام سان رابطا مهم وڌائڻ تي اتفاق

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف تعلقه دادو جو اجلاس ٿي گذريو جنهن جي صدارت تعلقه دادو جي صدر ظهير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

دادو تعلقي جي گوٺ جام خان ٻاڻ جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

آصف رضا ٻاڻ، عباس علي ٻاڻ، اڪبر خان ٻاڻ پريس ڪلب پهچي مظاهرو ڪيو

جوابدارن سان ٻٽ ٻڌيل تپيدار خلاف قانوني ڪاروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي:مطالبو

دادو(ن سنڌيار) دادو تعلقي جي گوٺ جام خان ٻاڻ جيڪو ديهه ڪنڊي ۾ واقع آهي ان گوٺ جي رهواسين آصف رضا ٻاڻ، عباس علي ٻاڻ، اڪبر خان ٻاڻ دادو پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهرين ميڊيا سان گالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٽٽي جي وڏي ۾ وڏي سرڪاري اسپتال مرف حوالي ٿيڻ بعد زوال پذيري جو شڪار

اسٽال عوام کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جي بجاءِ ڪرس گهر بڻجڻ لڳي

مرف انتظاميا ٽٽي جي مظلوم عوام لاءِ هڪ قاتل جو روپ ڌاري چڪي آهي: امجد شورو

ٽٽو(جاويد لطيف ميمڻ) گذريل 3 ڏينهن پهرين ٽٽي جي وڏي ۾ وڏي سرڪاري اسپتال جنهن کي پيپلز پارٽي جي گذريل دور ۾ هڪ غير سرڪاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٽٽو: سول اسپتال ۾ دوائن جي ڪوٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٺاروشاه جي راجپوت محلا مان مبينا طور 12 سالا ناري اغوا، 4 جڻن تي ڪيس داخل

رهواسي شمشاد راجپوت ۽ زال ٻارڙن سميت احتجاجي مظاهرو ڪندي انصاف جي گهر ڪئي

ٻالڙا سانجي 12 سالا معصوم ناري ثمرين راجپوت کي اغوا ڪري ڪٽي ويا آهن: شمشاد راجپوت

ٺاروشاه (رپورٽر) ٺاروشاه جي راجپوت محلا مان مبينا طور 12 سالا ناري اغوا چار جڻن تي ڪيس داخل بازيابي نه ٿيڻ خلاف سندس امڙ ۽ ابي جون دانهون احتجاج . ٺاروشاه جي وارڊ نمبر 5 راجپوت محلا جي رهواسين زال مؤس شمشاد راجپوت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ايس ايس پي بدين جي سخت هدايتن بعد گلاب لغاري جون ڪارروايون

گلاب لغاري پوليس پاران محمد بخش سيال کي گرفتار ڪري منشيات هٽ ڪئي وئي

محمد موسيٰ ٻيرجي فرياد تي قلمر 4/3 منشيات آرڊيننس تحت ڪيس داخل ڪيو ويو

گلاب لغاري (رپورٽ گلزار لغاري) لغاري ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي سخت هدايتن بعد گلاب لغاري پوليس جون منشيات فروشن خلاف ڪارروائيون جاري آهن . گلاب لغاري پوليس پاران محمد بخش سيال کي گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

گلاب لغاري: پوليس جي ڪارروائي ۾ گرفتار جوابدار تحويل ۾ نظر ايندي

دادو جي سماجي تنظيم سيتا سرجڻهار فورم پاران مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ احتجاج

ٽريڪ تي مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ هلندڙ احتجاجي تحريڪ کي 286 ڏينهن مڪمل

بولان ميل هلڻ بعد به باقي مسافر ريل گاڏين جي بحالي تائين جدوجهد جاري رهندي: مشهور ميمڻ

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي سماجي تنظيم سيتا سرجڻهار فورم پاران مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ هلندڙ احتجاجي تحريڪ کي 286 ڏينهن مڪمل. تحريڪ 9 مهينا 14 ڏينهن جاري ۽ فورم پاران وڃن ڪيو ويو ته اسان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي هدايتن تي منشيات فروشن خلاف ڪارروايون

سي آئي اي انچارج شفيع محمد گولو پنهنجي ٽيم سان ڪجي شراب جي بلين تي ڇاپو هنيو

گوٺ گهار ملاح جي ٻن گهرن تي ڇاپو هڻي 23. سئوليٽر ڪچو شراب هٽ ڪيو ويو آهي : شفيع محمد

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي هدايتن تي منشيات فروشن خلاف ڪارروائين دوران ٽنڊو شهر لڳ گوٺ گهار ملاح ۾ سي آئي اي انچارج شفيع محمد گولو پاران پنهنجي ٽيم سان ڪجي شراب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سيتارجا واسي نوجوان پاران نيائي سان گڏ اڳوڻي گهرواري جي مبينا ظلمن خلاف احتجاج

گهرواري بااثر سان گڏجي ڪوڙن ڪيس ۾ ڦاسائي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهي آهي: مظاهرين

اڳوڻي گهرواري مونڪي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ چاهي ٿي بااثر ماڻهن کان ڌمڪيون ڏياري ٿي

ڏنرانو (رپورٽر) سيتارجا واسي نوجوان پنهنجي نيائي سان گڏ اڳوڻي گهرواري جي مبينا ظلمن خلاف ڏنرانو پريس پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو اڳوڻي گهرواري بااثرن سان گڏجي ڪوڙن ڪيس ۾ ڦاسائي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهي آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڏنرانو: نوجوان نيائي سان گڏ اڳوڻي گهرواري جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج ڪندي

ٽنڊو غلام علي ٿاڻي جي حد جي گوٺ الله بخش سهتو مان اغوا ٿيل 2 ٻينرون جو ڪيس داخل

ٿاڻي ٿي مغوي نياڻين جي پي علي نواز سهتو جي فرياد تي 4 مڪ جوابدارن سميت 12 جڻن تي ڪيس داخل

جوبدار بااثر هجڻ تي پوليس ڪين گرفتار ڪرڻ بدران ڪلي چوٽ ڏيو وينئي آهي، معاملي جو نوٽيس ورتو وڃي: والد

اغوا ڪندڙ ۽ سندن سهولت ڪارن کي گرفتار ڪري سزا ڏياري انصاف فراهم ڪيو وڃي نه ته احتجاج وسيع ڪنداسين

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ٽنڊو غلام علي ٿاڻي جي حد جي گوٺ الله بخش سهتو مان مبينا اغائيل ٻن نابالغ نياڻين (م.ن ۽ ع)سهتو جي اغوا وارين ميڊيا تي خبرن جي اڇڻ بعد ٽنڊو غلام علي ٿاڻي ٿي مغوي نياڻين جي پي علي نواز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

دادو جي معروف خانگي تعليمي اداري ياسر پبلڪ هائيئر سيڪنڊري اسڪول ۾ ايوارڊ تقريب

دادو(ن سنڌيار) دادو ضلعي جي مشهور ۽ معروف خانگي تعليمي اداري ياسر پبلڪ هائيئر سيڪنڊري اسڪول دادو جي سالياني ايوارڊ تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب جي صدارت ياسر پبلڪ هائيئر سيڪنڊري اسڪول جي پرنسپال نامور تعليمي ماهر غلام نبي ملاح ڪئي. تقريب جو آغاز تلاوت ڪلام پاڪ ۽ نعت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٽنڊو غلام علي: مبينا اغوا ٿيل نياڻيون ۽ سندس پي ۽ علي نواز سهتو

نوشهرو فيروز ۾ ضمني بلدياتي چونڊن جي مختلف ڪيٽيگرين ۾ پيپلزپارٽي سوپاري

ڪيٽيگرين ۾ چار سيٽن تي پيپلزپارٽي جا اميدوار بنا مقابلي ڪامياب قرار ڏنا ويا آهن

شوڪت علي ڪلهوڙو، غلام مصطفيٰ سولنگي، حسين بخش سهتو ۽ سجاد حسين ڪامياب

نوشهرو فيروز(ڊ ر) ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ضمني بلدياتي چونڊن جي مختلف ڪيٽيگرين جي چار سيٽن تي پاڪستان پيپلزپارٽي جا اميدوار بنا مقابلي ڪامياب قرار ڏسترڪٽ الڪشن ڪمشنر خالد مرزا موجب جن تعلق ڪنڊارو ج ونن ڪائونسل 11 سومر چنڙ ج وائيس چيئرمين ج سٽ ت شوڪت علي ڪلهوڙو، تعلق پرا ج ونن ڪائونسل 37 ڊليوٽا ج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نياڻين لاءِ تعليم جي اهميت جي عنوان هيٺ گرلز ڊگري ڪاليج ۾ پيرينٽس گڏجاڻي

ڏهن سالن ڪانپوءَ ڪاليج ۾ تعليمي پروگرام ڪرڻ تي پرنسپال جس لهڻي: ساجاهه وند

حلف نامون جمع نئين پرنسپال جون نياڻين جي تعليم بابت ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن

بهترين فيميل ليڪچررز ۽ پروفيسرز موجود آهن جن وٽان نياڻيون گهڻو ڪجهه پرائيندين: پرنسپال

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نياڻين لاءِ تعليم جي اهميت جي عنوان هيٺ گرلز ڊگريڪاليج ۾ پيرينٽس گڏجاڻي ڪئي وئي. گڏجاڻيءَ ۾ والدين جي پريهر شرڪت. گذريل ڏهن سالن ڪانپوءَ ڪاليج ۾ تعليمي پروگرام ڪرڻ تي پرنسپال جس لهڻي ، والدين، اسان پنهنجي نياڻين کي ڪاليج ضرور مرڪلينداسين گڏيل حلف نامن جمع نئين پرنسپال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

مٽياري واسي روڊ حادثي ۾ زخمي ٽيل يار محمد خشڪ زخمن جا سور نه سهندي فوت

مٽياري (رپورٽر) مٽياري واسي روڊ حادثي ۾ زخمي ٽيل يار محمد خشڪ زخمن جا سور نه سهندي حيدرآباد اسپتال ۾ دم ڏئي ڇڏيو. خبر موجب. مٽياري جي صحافي عادل خشڪ جي چاچي گوٺ يار محمد خشڪ جو رهواسي 35 سالا يار محمد خشڪ سان گذريل ڏينهن حيدرآباد بائي پاس تي پيش آيل روڊ حادثي ۾ شديد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز: پرنسپال قرات العين عباسي گڏجاڻي کي خطاب ڪري رهي آهي

سڪر پوليس صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام

پريس ڪلب ٻاهران ايس يو جي نائب صدر خالد ٻانيڻ جي اڳواڻي ۾ علامتي احتجاج ڪيو ويو

سڪر ڪورٽ رپورٽرز ايسوايئيشن صدر سليم سهتو، جلال الدين پيو، سحرش ڪوڪر ۽ ٻين مظاهرو ڪيو

جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٺهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي احتجاج ڪنداسين

سڪر (رپورٽ.امداد علي گل ڪلوڙ) سڪر پوليس 84 ڏينهن گذرڻ باوجود سڪر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام سڪر يونين آف جرنلسٽ پاران سڪر پريس ڪلب ٻاهران ايس يو جي نائب صدر خالد ٻانيڻ جي اڳواڻي ۾ علامتي احتجاجي ٻڪ هڙتال راڙو سلسلو جاري رکيو ويو جنهن ۾ سڪر ڪورٽ رپورٽرز ايسوسيئشن صدر سليم سهتو، جلال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

محرابپور ۾ ڳوٺ شير خان لنڊ جي رهواسين پاران چيئرمين ٽائون فاروق خان لوڊي خلاف احتجاج

لنڊ برادري جي عورتن، مردن، معصوم ٻارڙن، چڱل خاتون، پاڳل خاتون جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ زمين هاريي تي آهي. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ فاروق لوڊي کي اها زمين ملي:مظاهرين

اسان پراڻا هاري سان گڏ پرسان اسان جا گهر آهن. اسان زمين مناسب رقم تي خريد ڪرڻ لاءِ تيار آهيون: ڳالهيون

محرابپور (رپورٽر مجاهد علي سامتيو) ڳوٺ شير خان لنڊ جا رهواسي هاري اڳواڻي چيئرمين ٽائون فاروق خان لوڊي خلاف سراپا احتجاج بٺجي ويا. ڳوٺائن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ونگارون پوليس خلاف سخت تعريبازي ڪئي وئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ميهڙ پرسان ٽرڙي محبت ٽاٽي جي حد مسافر پير وٽ پوليس جو ڏوهارين سان مبينا مقابلو

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ پرسان ٽرڙي محبت ٽاٽي جي حد مسافر پير پرسان پوليس جو ڏوهارين سان مبينا مقابلو هڪ چٽو زخمي حالت ۾ گرفتار ۽ هٿيار هٽ ڪرڻ جي دعوا ۽ ساٿي جوابدار فرار زخمي حالت ۾ گرفتار ٽيل ڏوهاري جي سڃاڻپ ڪاشف علي وگهيو طور ٿي آهي زخمي حالت ۾ گرفتار ٽيل ڏوهاري کي اعلاج لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

محرابپور: ڳوٺ شير خان لنڊ جا رهواسي چيئرمين ٽائون فاروق خان لوڊي خلاف احتجاج ڪندي

سمس اسپتال جي پيٿالوجسٽ جي حسن ڪارڪردگي: صحافي انجم ٻگهيو کي غلط رپورٽ فراهم

پيٿالوجسٽ شهدادپور جي سنيئر صحافي انجم ٻگهيو کي غلط رپورٽ ڏئي ذهني مريض بڻائي ڇڏيو

انجم ٻگهيو کي ڪيس گردي جي ڊائلاسس جي ڪري مختلف رپورٽون ڪرائڻ جو مشورو ڏنو ويو هيو

معاملي جي جاچ ڪئي وڃي ۽ سمس اسپتال ۾ مقرر پيٿالوجسٽ خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) شهدادپور سمس اسپتال جي پيٿالوجسٽ ڪمال جو ڪر ڏيکاري ڇڏيو. شهدادپور جي سنيئر صحافي انجم ٻگهيو کي غلط رپورٽ ڏئي سبب ذهني مريض بڻائي ڇڏيو. پريشاني جو شڪار صحافي ڳٺتي سبب بستري پيڙو ٿي ويو. ڪراچي جي صحافين پاران پيٿالوجسٽ خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي. تفصيل موجب شهدادپور جي سينئر صحافي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

مرڪزي جماعت اهلسنت ضلع بدين پاران فلسطيني مسلمانن سان اظهار يڪجهتي لاءِ ريلي

اظهار يڪجهتي لاءِ ڊي سي چوڪ بدين کان نيشنل پريس ڪلب تائين هزارين ماڻهن جي ريلي نڪتي

غزه ڪنڊيءَ بڻجي ويو پر مسلم امت مذمتي بيانن کان اڳيان نه وڌي سگهي. نام نهاد علمبردار خاموش آهن

آمريڪا، برطانيه، فرانس ۽ ڀارت جي اسرائيل کي پنيرائي مان ثابت ٿيو ته عالم ڪفر هڪ ٿي چڪو آهي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) مرڪزي جماعت اهلسنت ضلع بدين پاران فلسطيني مسلمانن سان اظهار يڪجهتي لاءِ ڊي سي چوڪ بدين کان نيشنل پريس ڪلب تائين هزارين ماڻهن جي ريلي. اسرائيلي دهشتگردي نامنظور جا نعرا. اسلامي ملڪن جي ڪردار تي افسوس جو اظهار. رپورٽ موجب ريلي کي خطاب ڪندي مرڪزي جماعت اهلسنت صوبه سنڌ جي ترجمان علامه حبيب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

انجمن تاجران ٽنڊوالهيار جي آفيس تي شهر جي مختلف بازارن جي واپارين پاران احتجاج

ٽنڊو الهيار (رپورٽر) انجمن تاجران ٽنڊوالهيار جي آفيس تي شهر جي مختلف بازارن جي واپارين پهچي انجمن جي صدر وقار حميد ميمڻ کي ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (سي آءِ اي) ٽنڊوالهيار (فوڊ اٿارٽي) اختيارين جو ناجائز استعمال ڪندي واپارين کي ناحق هراسان ڪري سامان جي قرلٽ ڪرڻ کان آگاهه ڪيو ۽ اهو به ٻڌايو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

بدين: مرڪزي جماعت اهلسنت طرفان فلسطينن جي حمايت ۾ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڏنرانو ۾ صحافين ۽ شهرين پاران جان محمد مهر جي جوابدارن خلاف احتجاج

سهولتڪار گرفتار نه ٿيڻ خلاف مين چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڏرٽو هنيو ويو

سنڌ پوليس ۽ سڪر پوليس گرفتار ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي وئي آهي:مظاهرين

جان محمد مهر جو قتل هڪ صحافي جو قتل نه آهي پر انسانيت ۽ پوري صحافت جو قتل آهي

ڏنرانو (رپورٽر) ڏنرانو ۾ صحافين ۽ شهرين جو شهيد صحافي جان محمد مهر جي قتل ۾ ملوث مڪ جوابدار

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 06 نومبر 2023ع

ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جا "پٿر هضم ـ لڪڙ هضم" ڪامورا

هن ملڪ ۾ سرڪاري ادارن کي تباهه ڪرڻ ۽ انهن جي ڦرلٽ جا اهڙا ته دل ڏوڏيندڙ لقاءِ نظر اچن ٿا، جو ان ڦرلٽ اڳيان دنيا جا وڏي ۾ وڏا ڈاڙا به ڪجهه نه آهن. هونئن ته ڪرپشن جو سج سڄي ملڪ ۾ آب ۽ تاب سان چمڪي ٿو پر پين صوبن جي پيٽ ۾ سنڌ ۾ ته سرڪاري اثاثن کي تباهه ڪرڻ ۽ ڦرلٽ لاءِ ذميوار "پٿر هضم ـ لڪڙ هضم" ڪامورڪو ڪڙم ته اڃان به به وکون اڳتي آهي. سنڌ جو پلا اهو ڪهڙو ادارو آهي، جيڪو هن اڏوهيءَ کان پڇيو هجي! سرڪاري ادارن سان ڪيل اهڙي بيدرديءَ جو هڪ مثال سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ پڻ آهي، جتي 27 سال اڳ جرمنيءَ طرفان مليل 6 جديد پرنٽنگ مشينون رڳوان ڪري استعمال نه ڪيون ويون ته جيئن شاگردن جي لاءِ ڪورس جي ڪتابن جي ٺيڪيداري سسٽم ذريعي ڇپائي ۾ ملندڙ ڪميشن کان محروم نه رهجي وڃجي. خبر موجب: سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ کي ڪتابن جي ڇپائيءَ لاءِ 27 سال اڳ مليل 6 جديد مشينون ڪوليون ئي نه ويون. جن مان 4 مشينون رکي رکي ضايع ٿي ويون. جڏهن ته باقي ٻن مشينن کي به فعال ڪرڻ لاءِ ڳري رقم گهربل آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ طرفان معاملي جي ڄاڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.

شايد ئي ڪو ڏينهن هجي، جو سنڌ ۾ "عجب ڪرپشن جون غضب ڪهاڻيون" ميڊيا جي توسط سان ماڻهن تائين نه پهچنديون هجن. ڪرپشن جو ڪينسر سمورن سرڪاري ادارن جي سرير ۾ سرايت ڪري چڪو آهي. ادارن کي ڦُري لُٽي تباهه ڪري بي لاڻ بڻايو ويو آهي. حيرت اها آهي ته احتساب ۽ پڇاڻي وارن ادارن جي موجودگي باوجود ان ڪرپشن جو ڪوبه پڇاڻو نٿو ٿئي. پڇاڻي نه ٿيڻ جو سمجهه ۾ ايندڙ سبب ان ڪرپشن مان ڪاتي جي "منڊ ڪان پوڄڙ تائين" سيني جو سيراب ٿيڻ آهي. صرف ۽ صرف ڪنهن اداري جو سربراهه اڪيلو ئي ڪنهن وڏي ڪرپشن جو ذميوار نه هوندو آهي. ڪرپشن جي واهڙ مان اهي سڀ هٿ ڏوئندا آهن، جن طرفان اداري جي سربراهه کي ڪرپشن لاءِ چوٽ ڏنل هوندي آهي، تنهنڪري ان جي ڪا به پڪڙ نه ٿيندي آهي. 6 جديد مشينون جرمنيءَ کان تعليم ڪاتي جي هن اداري کي 27 سال اڳ مليون هيون پر استعمال رڳو ان ڪري نه ٿيون ته جيئن بورڊ جي اختيار ڏانهن جي ڪميشن واري سلسلي کي ڪو گرهڻ نه لڳي. انهن 27 سالن مان 15 سال پ پ جي لڳاتار حڪمرانيءَ جا پڻ شامل آهن. سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ڪتاب ٺيڪيداري سسٽم تحت ڇپرائي ٿو. پر اهي ڪتاب اداري جي پنهنجين مشينن تي ڇپجن ها ته انهن تي گهٽ خرچ اچي ها پر ان سان ڪامورڪي ڪڙم جي ڏاڪ ته ٿوري ڇرپر ڪري ها پر گرم نه ٿئي ها. سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جي حوالي سان رڳو هن سال جا اڳ اڪر ڏسجن ته ڏنڌين آگريون اڃي ٿيون وڃن. هلندڙ سال ڪتابن جي ڇپائيءَ لاءِ 2 ارب، 53 ڪروڙ روپيا رقم رکي وئي. توڙي جو 48 لک ڀارن کي ڪتابن جي فراهمي ٿيڻي هئي پر ڪتاب گهٽ ڇپرائي صرف 18 لک ڀارن کي ڪورس جا ڪتاب ڏنا ويا. جيڪڏهن حساب لڳائجي ته اها ڳالهه چتي ٿي سامهون ايندي ته هلندڙ سال سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ صرف 37 سيڪڙو ڀارن کي ڪورس جا ڪتاب ڏنا. ٻين لفظن ۾ ايئن جئجي ته هن اداري طرفان 63 سيڪڙو ڀارن کي ڪورس جي ڪتابن کان محروم رکيو ويو. پلان کان وڌي ٻي ڪهڙي ڪرپشن ٿي سگهي ٿي! جڏهن اهو معاملو ميڊيا تي آيو ته پهرين ته ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جي اختيارين اها ڳالهه مڃڻ کان ئي انڪار ڪيو ۽ ترديدن جا طوفان برپا ڪندا رهيا پر پوءِ جڏهن سجي سنڌ مان آواز اٿڻ لڳا، تنهن کانپوءِ انهن مس مس اها ڳالهه مڃي پر جواز اهو ڏنو ته ڊالرجي اڳهه ۾ اضافي سبب ڀني ۽ پرنٽنگ جا خرچ وڌي ويا. جنهنڪري ڪتاب گهٽ ڇپجي سگهيا.

ڇهن پرنٽنگ مشينن کي استعمال نه ڪري ناڪارا بنائڻ جي جاچ ٿيڻ سڀني ڳالهه آهي پر وري به معاملو اينٽي ڪرپشن جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏيو ويو ته ذميوارن جي پڪڙ ۾ اچڻ ۽ سزا تائين پهچڻ جا امڪان گهٽجي ويندا. جو اتي به "ڏنو، پُٽ ڇتي جو" وارو سڪو هلي ٿو. ذميوارن خلاف ايف آءِ آر ڪٽجڻ گهرجي ۽ گرفتاريون ٿيڻ گهرجن. پيو ته هلندڙ سال ڪتاب گهٽ ڇپرائي جيڪا ڪرپشن ڪئي وئي آهي، انهن جي ذميوارن کي به احتساب جي وڪڙ ۾ آندو وڃي.

*****

پيهار به ملنداسين، ڪنهن دور ستاري تي ..

مولائي ملاح

خيرپور (ميرس) سنڌ، جتي ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ عزادار ايندا رهيا. هندستان جي علائقي 'يوپي' ۽ 'سي پي'، عراق ۽ ايران جي ساحلي پٽيءَ کان آيل عزادار، خيرپور جي سرزمين تي قدم رکڻ کانپوءِ سدائين لاءِ رهي پيا، جن کي خيرپور ميرس جي مٽيءَ مان ڏئي پنهنجي سيني تي سمهاري ڇڏيو. هونءَ ته سنڌ سموري، مهمان سادات جي آمد سان ڀري پئي آهي، جيڪي پنهنجي وطن کان هجرت ڪري هت آيا ۽ سنڌ جي مٽيءَ ۾ سمائجي ويا. پنهنجي جنم پومي، اباڻا ڪک ڪوبه ماڻهو سک کان ناهي ڇڏيندو. سادات سنڌ کي، امن، اجهي ۽ عزت ڀري نگاهه سبب پنهنجو مسڪن بڻايو.

بزرگ، اوليائن، فقيرن ۽ عزادارنِ مظلوم ڪربلا، سنڌ کي محبِ حسين (عم) جي سرزمين سمجهي آستانو بڻايو. هرات، مروند، عراق، نيشاپور ۽ ايران جي ساحلي پٽيءَ کان آيل سيد علي شاهه نقوي، سن 1901ع ۾ خيرپور رياست، ضلعي خيرپور ميرس جي تعلقي ڪوٽڏيجي جي ڳوٺ جهنگو ۾ پڪڙا اڏي آباد ٿيا. هن وقت سندن پنجين پشت مان سيد جعفر علي شاهه نقوي اتي رهائش پذير هو، جيڪو ڪجهه ڏينهن اڳ اسان کان وڇڙي ويو. سندس آستاني جي اڳڻ ۾ بزرگن ۽ پائرن جون مزارون آهن. آستاني جي هڪ طرف 'خيما گاهه ڪربلا قائم آهي. جتي زيارتون رکيل آهن.

عمر گذري هي اسي دشت کي سياحي مين.
پانچوين پشت هئي شبير کي مداحي مين.

سيد جعفر علي شاهه نقوي، سان پهرين ملاقات قمر عباس لنڊ جي معرفت 29 مارچ 2023ع بمطابق 7 رمضان 1444هه ٿي. هن مختصر ڪچهريءَ ۾ ڪوڙ ساريون ڳالهيون ڪري ورتيون سين. وٽن جي چوٽين تان لهندڙ سج جي روشنيءَ سان ته ڏٺو ته سيد کان ٻانهون ٻڌي موڪلايوسين، ان اميد سان ته پيهراهڙي ئي جذبي ۽ نيڪ تمنائن سان ملنداسين.

سيد جعفر علي شاهه، جو بزرگ سيد علي شاهه نقوي، پيشي جي حوالي سان وڏو آرڪيٽيڪچر هو. فنِ تعمير جي حوالي سان وٽس وڏي مهارت ڄاڻ هئي. پاڻ ايران ۾ سرڪاري ملازم هئا. هت رياست خيرپور، سندس فني خدمتون حاصل ڪرڻ لاءِ 1901ع ۾ سرڪاري (طور) حڪم نامي سان گهرايس. ڪانئس پهريون خدمتون 'فيض محل' خيرپور لاءِ ورتيون ويون. سيد علي شاهه نقوي کي هتان جي موسم، ماڻهو، آبهوا ۽ عزادار، امن، محبت، سک ۽ سلامتي ڏاڍو متاثر ڪيو. پاڻ هميشه لاءِ هت رهڻ جو فيصلو ڪيائون. پاڻ رياست خيرپور کان تعلقدار ڪوٽڏيجي جي ڳوٺ جهنگو ۾ رهائش اختيار ڪيائون.

سيد جعفر علي شاهه نقوي جو جنم سيد مظفر علي شاهه نقوي جي گهر جهنگو ۾ سن 1912ع ۾ ٿيو. سادات عزادار گهرائي جو فرد هئڻ ناتي سندس عزاداري سان گهري دلچسپي هئي. سنڌ ۾ تحفظِ عزاداري ۽ تقدس امام بارگاهه لاءِ پاڻ اڙپيندڙ سيد امام علي شاهه ڪاظمي (گمبٽ) جي ساٿ ۾ 12 سالن جي جمار ۾ 1968ع کان سلهاڙجي ويو. پاڻ ڏسيائين ته: "12 هن سالن جو هئس ته. منهنجي ٻانهن والد صاحب بابا سيد امام علي شاهه حوالي ڪئي." سيد امام علي شاهه جي محبت، عزاداريءَ لاءِ ڪم ڪرڻ جي عشق ۾ اهڙو رنگي ڇڏيو جو اڄ تائين خماري ۾ آهي. هن عزادار سيد پنهنجي سڄي حياتي عزاداري امام مظلوم کي اربي ڇڏي. سيد جعفر علي شاهه. جهنگو ۾ ماتمي انجمن 'پاسبانِ حسين' قائم ڪئي جنهن جو پاڻ تاحيات سرپرست آهي. جيڪا اڄ تائين علائقي ۾ فروغ عزاداري جي سلسلي ۾ سرگرميون جاري رکندي اچي. پاڻ بهترين ماتمي سان گڏ نوحا خوان ۽ شاعر پڻ هو. هن بين الاقوامي تعلقات ۾ ايم اي 1985ع ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽي خيرپور مان ڪئي.

سيد علي شاهه نقوي کي 4 فرزند هئا: خورشيد (تنوير نقوي)، نَوا نقوي، غضنفر نقوي، سيد مظهر علي شاهه نقوي. خورشيد نقوي مشهور فلمي شاعر هو. جنهن انڊين ۽ پاڪستاني فلمن لاءِ گيت ۽ گانا لکيا. مذهبي پروگرامن لاءِ نعت رسول خدا پڻ لکيائين. سندس تخلص 'تنوير' هو. سندس مشهور نعت آهي: "يثرب کي والي ، ساري نبي تيري، در ۾ سوالي، شاهِ مدينه". نَوا نقوي مصور هو، غضنفر نقوي بيوروڪريٽ هو. رياست خيرپور جو آءِ جي هو. سيد مظهر علي شاهه نقوي پرنسيپال ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج خيرپور ميرس هو.

سيد جعفر علي شاهه، ڪجهه وقت کان فالج جي عارضي ۾ مبتلا ۽ عمر رسيده هئڻ باوجود به سندس حوصلا بلند هئا. پاڻ فخر سان چيائين ته، اسان کي ان ڳالهه تي فخر آهي جو اسان جي تنظيمي پرورش مجاهدِ ملت سيد امام علي شاهه ڪاظمي جي هٿن ۾ ٿي. سندس آئيڊيل شخصيتن ۾ سينيٽر سائي پائو الهه دادا خان لنڊ، نور محمد لغاري ۽ صلاح الدين (وڪيل) هئا.

سيد جعفر شاهه، جو پنهنجي علائقي جي عزاداريءَ ۾ پريرر ڪردار رهيو. سائس اڃان ڪا پريرڪچهري ڪرڻي هئي پر حياتي ساٿ نه ڏنس. گمبٽ گمس ۾ پنهنجي جيون سائي جي علاج لاءِ ترسيل هئس ته، جابر عباس ملاح سائين جعفر علي شاهه جي وچوڙي جي خبر ٻڌائي ته اکين ۾ لڙڪ تري آيا.

پيهار به ملنداسين،
ڪنهن دور ستاري تي،
تيهار به ملنداسين.

*****

صوفي لاڪوفي، ڪونَ پانئيس ڪيرُ:
منجهيان ئِي مَنجِ وڙهي، پڌر ناهِس پيرُ:
جنين ساٽس ويرُ، ٽئي تنين جو واهَرُو.

رائونتي جي شهيد اهلڪارن جي ورسي ۽ وساريل حڪومتي واعدا

ايم اعظم سهرياڻي

گهوٽڪي جي تاريخ ۾ 5 نومبر 2022 واري اياڳي ڏينهن وارو واقعو گهوٽڪي پوليس لاءِ ڪنهن وڏي نقصان کان گهٽ نه هو. 5 نومبر جي اياڳي شام جو جڏهن گهوٽڪي جي اڳوڻي ايس ايس پي تنوير تنيو پاران ضلع جي ڪجهه ايس ايچ اوز ۽ ٻين پوليس آفيسرن کي مغوين جي بازيابي لاءِ رائونتي واري ڪچي ۾ بدنام ڏاڙيل راحب شر خلاف آپريشن لاءِ موڪليو ويو. ان ۾ چار اي پي چين ڪاهي پوليس رواني ٿي وڃي پوليس چوڪي بيا ون ويجهو راحب شر جي ويجهن مائٽن راجو شر ۽ لالو شر جي گهرن ۾ وڃي پڪٽ قائم ڪري ڇڏي. جيئن ئي رات ٽيڻ لڳي ته ڏاڙيلن جي ٽولن پاران گڏجائيون ڪري پوليس ڏانهن رهيل پلاٽ ونڊ لاءِ ڏوهاري گڏ ڪيا. چو ته هن ٻه مهينا اڳ پوليس ڪجي جي بدنام زمانا رٽائرڊ ڏاڙيل سلطو شر کي رائونتي جي ان وقت جي ايس ايچ او ايوب ڊوگر دوکي سان گهرائي سائي عيسو ڊوٽو شر سميت سلطو کي مقابلو ڄاڻائي ماري ڇڏيو هو.

سلطو جا پائر ۽ ڪجي جا ڏهاري ٽولا جيڪي سلطو جي پلاٽ لاءِ پوليس جي رت جا پياسا هئا، پوءِ ڏهاري ٽولن اچي پوليس مٿان اڌ رات اچي راڪٽ لانچر سان حملو ڪيو. جنهن ۾ لاڙڪاڻو واسي ڊي ايس پي اڊپاوڙو عبدالمالڪ پٽو، سڪر واسي ايس ايچ او ميرپور عبدالمالڪ ڪمانگر، ميرپور خاص واسي ايس ايچ او ڪينجهو دين محمد لغاري، ميرپور ماٿيلو واسي سپاهي جتوئي پتافي ۽ اڊپاوڙو واسي سپاهي سليم چاچڙ موقعي تي شهيد ٿي ويا ۽ پوءِ باقي اي پي سي چين ۾ ويٺل پوليس اهلڪار پنهنجي جان بچائي نڪري آيا. شهيدن جا لاش ڏوهارين پنهنجي قبضي ۾ وٺي ڇڏيا ۽ صبح جو پنجاب پوليس ڏوهارين سان ڳالهيون ڪري لاش وصول ڪيا. اهلڪارن جي شهادتن کانپوءِ شهيدن جي وارثن خدشا ظاهر ڪيا ويا ته اسان جي پيارن کي نڏڪو ڪري پوليس هٿ سان مارايو آهي. ان کانپوءِ پوليس مسلسل تيارين کنديءَ رهي ته اڄ ٿا پلاٽ ڪريو. سيائي ٿا پلاٽ ڪريون پر پوليس پنهنجي سائي شهيد اهلڪارن جو پلاٽ نه ڪري سگهي ۽ هڪ سال بعد ايس ايس پي تنوير تنيو به پلاٽ واري آس دل ۾ رکي نيٽ ضلعي مان بدلي ٿي هليو ويو.

اڄ انهن 5 شهيد اهلڪارن جي گهرن ۾ ماتم آهي. اهي به اطلاع آهن ته شهيدن جي وارثن لاءِ جيڪي سنڌ حڪومت ۽ آءِ جي سنڌ اعلان ڪيا هئا، اهي به اعلان ئي رهجي ويا. ٻڌايو پيو وڃي ته شهيد انسپيڪٽر دين محمد لغاري جو خاندان انتهائي غريب آهي. جيڪو گذر سفر به نه ٿو ڪري سگهي ۽ شهيد جا ٻارڙا به تعليم کان محروم ٿجي ويا آهن. سوال اهو آهي ته شهيد اهلڪارن جي ڪيس ۾ نامزد ٿيل 70 جڻن مان پوليس هن وقت تائين آخر ڪيترا ماڻهو گرفتار ڪيا آهن؟ پوليس ناقص حڪمت عملي ڪيترائي گهر ۽ خاندان اجاڙي ڇڏيا. ڏاڙيل اڄ به پوليس لاءِ هڪ وڏو چيلينج بڻيل آهن ۽ پوليس ڏاڙيلن آڏو بيوس بڻيل آهي. پوليس جي اهڙي بي وسي تي لکجي يا وري شهيد اهلڪارن جي ٻارڙن جي لاوارثي تي لکجي ته جيڪي شهيدن جا ٻارڙا آهن، اهي بي يارو مدد گار ويٺل آهن. جڏهن ميرپور خاص واسي شهيد انسپيڪٽر دين محمد لغاري جي پٽ بلال سان فون تي ڳالهه ٿي ته ان چيو ته سرڪار پاران جيڪي رقم جو اعلان ڪيو ويو، ان مان هڪ روپيو به اڃان تائين ناهي مليو. هن چيو ته اسان وٽ ته بابا جي ورسي ملهائڻ جيترا به پيسا ناهن. بلال لغاري جا لفظ انتهائي ڏکوئيندڙ هئا. آخر سنڌ پوليس ۽ سنڌ سرڪار جيڪي اعلان ڪيا هئا، اها رقم وارثن کي چو ناهي ملي سگهي؟ اها خبر ته سنڌ پوليس کي ئي هوندي. باقي جيڪي سنڌ سرڪار ۽ گهوٽڪي پوليس آخر ڪهڙي سهاري تي ڏوهارين سان وڙهي؟ چو ته شهادت کانپوءِ پوليس ڊپارٽمينٽ پنهنجي ئي اهلڪارن کي صرف سلامي تائين ياد ڪري پوءِ وساري ٿو ڇڏي.

ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جا "پٿر هضم ـ لڪڙ هضم" ڪامورا

01 | بقايا | ***

اعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه سميت پيپلزپارٽي جي سموري قيادت جي محنت سان بلدياتي چونڊون ڪراچي کان ڪشمور ڪينجهر ڪان ڪارونجهر ۽ ڪمون شهيد تائين ڪلين سئيپ ڪري ڏيکاريو هاڻي به انشا الله سنڌ ۾ عام چونڊون وڏي اڪثريت سان ڪلين سئيپ ڪري ڪاميابي حاصل ڪنداسين ۽ بلوچستان پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ۾ به وڏي اڪثريت حاصل ڪري وٺنداسين ۽ ملڪ جو وزيراعظم بلاول پٽو زرداري هوندو سيد ناصرحسين شاهه جو وڏيڪ چوڻ هو ته ملڪ ۾ وڏين تڪليفون آيون جهڙوڪ ڪرونا وائرس، هجي توڙي وڏين برساتيون هجن ان ۾ پيپلزپارٽي جو ملڪ اندر اهم ڪردار رهيو روزگار هجي يا بينظير انڪم سپورٽ پروگرام هجي پيپلزپارٽي جو منشور آهي جيڪا ملڪ ۾ مهنگائي ٿي ان ۾ اهم ڪردار پي ٽي آئي حڪومت جو هو عمران خان پاران آئي ايم ايف سان سخت ترين معائده ڪيا ويا عمران خان پاران 9 مئي واري سانحي ۾ اداڪيل ڪردار تي ملڪ دشمن انڊيا ۽ خوشيون ملهايون ويون پيپلزپارٽي ريڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول پٽو زرداري، اڳوڻي صدر آصف علي زرداري سميت پوري ليڊرشپ جو مقصد عوام جي خدمت ڪرڻ آهي حڏهن ته تقريب کي خطاب ڪندي پيپلزپارٽي جي اڳوڻن جو چوڻ هو ته پيپلزپارٽي پاران عوام جي لاءِ بهترين اسپتالون اين آئي سي وي دي، ايس آئي يو تي چلدرين سميت مختلف وڏين اسپتالون ڏنيون، اروڙ يونيورسٽي، علامه اقبال يونيورسٽي، وومين يونيورسٽي، نصرت پٽو يونيورسٽي سميت مختلف يونيورسٽيون ڏنيون ويون ته جئين اوهان بهترين تعليم حاصل ڪري سگهو اوهان جو بهترين علاج ٿي سگهي اوهان کي سکر ۽ روهڙي شهرين جي سفري سهوليات لاءِ پيپلز بس ڏني اهو اسان اوهان تي ٿورو ناهي ڪيو اهو اوهان جو حق آهي ۽ اوهان کي اوهان جو سهي طريقي سان حق ڏيڻ ئي پيپلزپارٽي جو منشور آهي عوام جي خدمت ڪرڻ ئي پيپلزپارٽي جو منشور آهي اها ئي وڃ آهي جو اڄ جو عوام پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول پٽو زرداري کي ملڪ جو وزيراعظم ڏسڻ چاهي ٿو پيپلزپارٽي جي اڳوڻي ايم اين اي نعمان اسلام شيخ تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ايندڙ وزيراعظم بلاول پٽو زرداري ئي ٿيندو ۽ بلاول پٽو زرداري ئي ملڪ کي بحران مان ڪڍڻ ۽ پاڪستان کي مضبوط ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو چيئرمين�سٽرڪٽ ڪائونسل سيد ڪميل حيدر شاهه چيو ته اسان هميشه عوام جي خدمت ڪئي آهي جو هميشه عوام پنهنجا مسئلا کڻي اسان وٽ اچي ٿو جيڪي حل ڪيا ويندا آهن قصر ناصر جا دروازا هر وقت عوام لاءِ کليل هوندا آهن اسان سياست کي عبادت سمجهي ڪيو آهي ۽ عوام جي خدمت جاري رکبي جڏهن ته ڪائونسلر عرفان علي ڏاؤد پوٽو سميت جلسي ۾ هزارين عورتون مردن ۽ ٻارڙن پاران آيل مهمانن جو گلن جي ورکا سان شاندار استقبال ڪيو ويو ۽ سيد ناصرحسين شاهه، نعمان اسلام شيخ، سيد ڪميل حيدر شاهه کي سنڌ جي ثقافت پٽڪا پهريا ويا ان موقعي تي چيئرمين ميونسپل ڪميٽي روهڙي سردار مير يعقوب علي شاهه، وائيس چيئرمين محمد اسلم ميمڻ، سيد ذوالفقار علي شاهه، آصف رضا خان مهر، اقبال شيخ، غلام عباس چاچڙ، احسان علي قريشي، نثارناز رڪ، مجاهد بوزدار سميت پ پ جي ڪارڪنن ۽ عهديدارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

02 | بقايا | ***

دهشتگردن جي حملي جي نتيجي ۾ سڪيورٽي اهلڪارن جي شهادت ۽ ميانوالي ايئربيس تي حملي جي واقعن تي پنهنجي مزمتي بيان ۾ ڪيو هن چيو ته دشمن ملڪ جي امن واري صورتحال کي بيڪاڙي ايندڙ چونڊن جي جمهوري عمل کي ناڪام ڪرڻ چاهي ٿو پر ڪامياب نه ٿيڻ ڏنو ويندو. مير علي حسن زهري حملن ۾ شهيد ٿيندڙ فوجي جوانن جي شهادت تي ڏک ۽ افسوس جو اظاهر ڪيو ۽ چيو ته پسني واقعي جا شهيد قوم جا هيرو آهن. قوم انهن جي ان قرباني کي ڪڏهن به نه وساريندي. هن ميانوالي ايئر بيس تي دهشتگردي حملي کي ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته سيڪيورٽي فورسز جي تڪڙي ڪارروائي سان دشمن جا ارادا ناڪام ٿي ويا. ۽ بهادر فوج جي اهلڪار بزدل دهشتگردن کي ماري فنا ڪري ڇڏيو ۽ ملڪ وڏي نقصان کان بچي ويو هن چيو ته اهڙا بزدلانا حملا قوم جا حوصلا ڪمزور نٿا ڪري سگهن جلد مڙني ملڪ دشمن کي آخري انجام تائين پهچائيندا سين.

03 | بقايا | ***

جا اسٽريٽجڪ ذخيرا هوندا. ذريعن جو چوڻ آهي ته هن وقت ملڪ ۾ پيٽروليم ڪمپنين کي 21 ڏينهن لاءِ پيٽروليم شين جو ذخيرو ڪرڻو آهي. حڪومت جاهي ٿي ته اسٽريٽجڪ پيٽروليم جا ذخيرا گهٽ ۾ گهٽ 3 مهينن لاءِ هجن پيٽروليم ويزن جي ذريعن جو چوڻ آهي ته ملڪي ضرورتن جو محتاط جائزو وٺڻ ڪانپوءِ ئي حتمي ذخيرن ۽ مدي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. جنهن لاءِ حڪومت فريم ورڪ تيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ذريعن موجب آئل اينڊ گيس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) فوري طور تي عالمي ماهرن جي مدد سان اسٽريٽجڪ پيٽروليم ذخيرن بابت نئون فريم ورڪ تيار ڪندي، نئين فريم ورڪ ۾ ملڪي خام تيل، ريفائنڊ پيٽروليم جي گهرج ۽ ذخيري جو تعين ڪيو ويندو. فريم ورڪ پڻ مختلف شين جي اسٽريٽجڪ پيٽروليم ذخيرن جي مدت جو تعين ڪندو.

04 | بقايا | ***

پوليس جي حوالي ڪري ڇڏيو. اسلام آباد جي آبپاره تائي طرفان گذريل ڏينهن گرفتار ڪيل اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري کي بڪتر بند گاڏي ۾ ڊسٽرڪٽ جوڊيشل ڪمپليڪس آندو ويو. پوليس فواد چوڌري جي منهن تي ڪپڙو وجهي ڊيوٽي مئجسٽريٽ عباس شاهه جي عدالت ۾ پيش ڪيو فواد چوڌري عدالت جي آڏو استدعا ڪئي ته مان اڳوڻو وفاقي وزير رهي چڪو آهيان ۽ سپريم ڪورٽ جو وڪيل به آهيان مون کي توهين جوڳي طريقي سان عدالت ۾ آندو ويو. فواد چوڌري کي ظهير نالي شخص طرفان داخل ڪيل ايف آءِ آر جي گرفتار ڪيو ويو آهي پوليس ايف آءِ آر جو متن پڙهندي عدالت کي ٻڌايو ته فواد چوڌري بطور وفاقي وزير نوڪري جو آسرو ڏئي 50 لک روپيه وصول ڪيا هئا پر نوڪري جو واعدو پورو نه ڪيوويو. شهري جڏهن پئسن جي واپسي جي گهر ڪئي ته فواد چوڌري ڪيس قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون. پوليس عدالت کان فواد چوڌري جي 5 ڏينهن جي ريمانڊ جي استدعا ڪري ڇڏي. فواد چوڌري چيو ته ظهير نالي شخص ايترو سست آهي جو اڄ اهو عدالت ۾ به پيش نه ٿيو آهي. مون کي ڦڙڻ جي بيماري آهي. ڊاڪٽرن تائين پهچ ڏني وڃي ۽ گهر وارن ان جي تعاون کي پيش ڪيو. نگران صوبائي وزير ارشد ولي محمد پنهنجي هڪ پرجوش تقرير ۾ خطي ۾ سياحت ۽ هوٽل مئنيجمينٽ جو مستقبل سنوارڻ ۾ اداري جي اهم ڪردار تي روشني وڌي. ان موقعي تي نگران صوبائي وزير شاندار تقرير ڪندي صوبي جي اقتصادي صورتحال ۾ سياحت جي شعبي جي اهميت کي اجاگر ڪيو. ارشد ولي محمد کي يادگار شيلڊ پيش ڪئي وئي. تقريب ۾ پوزيشن هولڊرز ۾ 65 ميڊل ورهايا ويا. نيوي اسڪول جي ٻڌڻ کان محروم شاگردن ۾ سرٽيفڪيٽ ۽ جونيئر شيفس ۾ سرٽيفڪيٽ پڻ ورهايا ويا ۽ مختلف شعبن ۾ شاندار ڪارڪردگيءَ جو اعتراف ڪندي سندن حوصلا افزائي ڪئي. PITHAM جي سرشار فيڪلٽي، عملي جي شاگردن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۾ سندن اٿڻ ڪوشش جي اعتراف ڪندي هنن کي شيلڊن سان نوازيو ويو. سياحت واري نگران صوبائي وزير شاگردن تي زور ڀريو ته هو پنهنجي شعبي ۾ پاڪستان جي بهترامڪ کي اجاگر ڪن ۽ پنهنجون صلاحيتون استعمال ڪندي مقابلي جو رجحان پيدا ڪن جنهن سان سندن مجموعي صلاحيتن ۾ بهتري ايندي.

05 | بقايا | ***

۾ 200 روپين جي راڄ ٿي، جنهن کانپوءِ ان جي قيمت به لک 14 هزار 600 روپيا ٿي وئي آهي. اهڙي ريت 10 گرام سون 1 سئو 72 روپيا مهانگو ٿيڻ کانپوءِ هڪ لک 83 هزار 985 روپين جو ٿي ويو آهي. هوڏانهن عالمي مارڪيٽ ۾ سون جو قدر 7 ڊالر وڌڻ سان 2012 ڊالرفي اونس آهي.

06 | بقايا | ***

آهي. وفد سان گڏ قطر ۾ موجود جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان حماس اڳواڻن سان ملاقات دوران فلسطين مسئلي تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون. ملاقات ۾ سيڪريٽري جنرل جي يو آءِ سنڌ مولانا راشد محمود سومرو ۽ مفتي ابرار احمد به شريڪ ٿيا. ان موقعي تي مولانا فضل الرحمان چيو ته اسرائيل فلسطين ۾ ظلم ڪري ڪعبه اول کي تبديل ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو آهي حماس اڳواڻ اسماعيل هانيه چيو ته سمورن مسلمانن جو فرض آهي ته هو اسرائيل جي ظلمن خلاف گڏ ٿين. انساني حقن جا دعويدار ملڪ هٿيارن سان پريل جهاز ڪٿي تل ابيب پهچي رهيا آهن مسلمانن کي به فلسطيني پائرن جي حمايت لاءِ ميدان ۾ نڪري پنهنجين مائرن، پيئرن ۽ پائرن جي مدد ڪرڻ گهرجي. خالد مشعل چيو ته مولانا فضل الرحمان پاڪستان ۾ فلسطين جي سفير جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي ڪشمير ۽ فلسطين تي وڏي وقت کان ظلم انساني حقن جي دعويدارن جي منهن تي چمات آهي. مولانا فضل الرحمان چيو ته ترقي يافته ملڪن جي دعويدارن جا هٿ معصوم ٻارن ۽ عورتن جي رت سان رڱيل آهن. فلسطيني صرف پنهنجي زمين ئي نه پر مسلمان امت طرفان فرض ادا ڪندي ڪعبه اول جي آزادي جنگ وڙهي رهيا آهن. وقت اچي ويو آهي ته مسلمان امت عملي ميدان ۾ فلسطيني پائرن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهن.

07 | بقايا | ***

جي لاءِ قطر پهچي ويو آهي. ذريعن موجب مولانا فضل الرحمان حماس جي سربراهه اسماعيل هانيه ۽ اڳوڻي سربراهه خالد مشعل سميت ٻين حماس اڳواڻن سان اهم ملاقاتون ڪندا. جمعيت علماءِ اسلام جي امير قطر کان پوءِ ترڪيه ۽ قطر جي حڪومتي شخصيتن سان به ملاقاتون ڪندو ته جيئن جنگبندي ڪرائي سگهجي.

08 | بقايا | ***

سبب ڪيترائي گهر تباهه ٿي ويا ۽ انفرا اسٽرڪچر کي به نقصان پهتو. اسرائيلي جنگي جهازن المغازي ڪيمپ ۾ سمعان خاندان جي گهر کي نشانو بڻايو. غزه ۾ صحت واري وزارت جي ترجمان اشرف القدره ٻڌايو ته اسپتال جي ايمرجنسي واردِ جو فرش لاشن ۽ زخمين سان ڀريل آهي. اسرائيلي فوج غزه جي پٽي تي پنهنجي فضائي ۽ زميني حملن جو دائرو وڌائي ڇڏيو آهي غزه ميڊيا آفيس جي سربراهه سلامه معروف هڪ نيوز ڪانفرنس ۾ ٻڌايو ته غزه جي پٽي تي 7 آڪٽوبر کان جاري اسرائيلي رياستي دهشتگردي جي نتيجي ۾ 9500 فلسطيني شهيد ٿي چڪا آهن جن ۾ 3.900 ٻار ۽ 2.509 عورتون شامل آهن.

09 | بقايا | ***

ذريعي ڪراچي جي نجي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي انهن مان هڪ ڊاڪٽر شڪرالله لاڌائو ڪري ويو. ترجمان ٻڌايو آهي ته ڊاڪٽر شڪرالله 3 ڏينهن اڳ ڪانگو وائرس مان متاثر ٿيو هو ان کان علاوه ڪوئٽه جي سول اسپتال شيخ زيد اسپتال ۽ فاطمه جناح اسپتال ۾ آئسوليشن واردِ قائم ڪيا ويا آهن.

10 | بقايا | ***

سيڪريٽري وزير انٽوني بلنڪن چيو ته آمريڪا کي اولهندي ڪناري ۾ انتهائي پسند يهودي آبادڪارن جي ڪري پريشاني ٿي رهي آهي ايمن صڊقي چيو ته انٽوني بلنڪن کي غزه ۾ جنگي لاءِ هڪ قائدانو ڪردار ادا ڪندي ڪوشش ڪرڻ گهرجن.

11 | بقايا | ***

بند ڪري ڇڏيا آهن. آءِ پي پي منفرد ۽ عمل جوڳو منشور پيش ڪيو آهي هن وڌيڪ چيو ته فوج جي بهادر ٿيوتن ميانوالي ايئربيس تي حملو ناڪام بڻائي ڇڏيو. سجي قوم پنهنجي جوانن کي پيتا پيش ڪري ٿي ۽ پنهنجي فوج سان گڏ ٻيلي آهي.

12 | بق

بقايا سنڌيار 01

صمد خاصخيلي طور ٿي آهي جنهن کي علاج لاءِ سول اسپتال دادو منتقل ڪيو ويو. پوليس موجب ڏوهه جي ايڊي سان بيئل ڦورن گشتي موبائيل پوليس تي فائرنگ ڪئي جوابي فائرنگ ۾ هڪ ڦور کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو ۽ بيا سندس ساٿي فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا. گرفتار ڦورو اسٽريٽ ڪرائم ۾ ملوث آهي ضلعي جي مختلف ٿاڻن تي ڪيس داخل آهن وڌيڪ ڪارڪرد چيڪ ڪيو پيو وڃي.

بقايا سنڌيار 02

مائينرنگ آفيسر سميت پين شهرين شرڪت ڪئي. هن ڏينهن جي تربيتي پروگرام جو مقصد قدرتي آفتن دوران پين نقصانن سان گڏ پيدا ٿيندڙ نفسياتي مسئلن کي جاچڻ. انهن کي روڪڻ لاءِ اپاءِ وٺڻ ۽ انهن جا حل ڳولڻ هيس. شفا فائونڊيشن طرفان تربيت ڏيندڙ ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر ميڊم امارا سرفراز جو چوڻ هيو ته هن پروگرام جو مقصد بارڙن سان پيش ايندڙ نفسياتي مسئلن، نئڻي عمر ۾ شادي ٿيڻ، بارڙن ۽ عورتن تي ٿيندڙ تشدد، ۽ مختلف ادارن ۾ ڪم ڪندڙ مائهن سان ٿيندڙ جسماني زيادتين کي اجاگر ڪرڻ ۽ انهن جا حل ڪڍڻ بابت آگاهي ڏيڻ آهي. شفا فائونڊيشن طرفان ميڊم امارا سرفراز، شهريار، سعيد حمزه شرڪت ڪئي، ميڊيا سان ڳالهائيندي تربيتي پروگرام ۾ حصو وٺندڙ استاد شڪيل چچڙو، سب انسپيڪٽر عابد علي بلر ۽ پين جو چوڻ هيو ته نفسياتي مسئلن جي آگاهي لاءِ اهڙا پروگرام اسان جي صحتمند معاشري لاءِ بيحد ضروري آهن. بهترين ڪارڪردگي سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا

بقايا سنڌيار 03

الطاف گوهر ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته تصير واه تي بيئل وٺن جي نگراني ڪرڻ اسان جو فرض آهي. مون لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي آهي اپريگيشن يا فاريسٽ ڪاٽر کو به ملوث نڪتو ته ان خلاف قانون ڪارروائي ڪئي ويندي. وطن دوست رائيٽرز ميڊيا

بقايا سنڌيار 04

حسين درس حنيف درس ڪمار ڪولهي سليم ملاح فيض محمد ڪوسو رازق ڏنو چلڪري اسماعيل ملاح اڪبر ملاح منظور علي درس آصف علي درس ۽ ٻئين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ انتهاپسند گروپ طرفان سنڌي ٻولي خلاف تعصباڻو رويو ختم ڪيو وڃي تعليمي ادارن ۾ سنڌي ٻولي جو سبجيڪٽ لازمي قرار ڏنو وڃي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ميرٽ جو جنازو ڪڍيو آهي، ڏميوار آفيسرن، وزيرن، ڪامورن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ڪي ايس پي پاليسي، سنڌ دشمن ٻٽي پاليسي آهي تنهن کي رد ڪيو وڃي، ۽ اوپن ميرٽ تحت داخلائون ورتيون وڃن. ڊائوڊ يونيورسٽي جي 12 شاگردن کي بحال ڪيو وڃي تعصب پرست وي سي ٿمرين عاصر هٽايو يونيورسٽي کي بچايو وڃي تعليمي ادارن ۾ ڪرپشن، قوميت ۽ ٻولي خلاف تعصباڻو رويو، فيسن ۾ واڌ ختم ڪرين، تعليم دوست ماحول پئدا ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 05

مقبول صديقي سان ڪئي وئي. جڏهن ته نرسري کان مٽرڪ تائين پهرين، ٻئي ۽ ٽئين پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ايوارڊ ڏنا ويا. تقريب ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين وٽ ڪيڏ خلاف ٽيلو پيش ڪيو جڏهن ته ٽيلو ۾ وٺ لڳائڻ جي لاءِ تقريب ۾ ويل شهرين، والدين کي هڪ پيغام ذريعي اتساهيو ويو. ان موقعي تي والدين سان حسن سلوڪ، سنڌي ثقافت اجرڪ سميت پين پهلوئن تي مشتمل ۽ مذاحيا ٽيبلوز پيش ڪري خوب داد وصول ڪيو ان موقعي تي ياسر پبلڪ هائير سيڪنڊري اسڪول جي پرنسپال غلام نبي ملاح خطاب ڪندي چيو ته هن تعليمي اداري ۾ 15 سٽرڪان وڌيڪ شاگرد ۽ شاگردياڻيون اعليٰ ۽ معياري تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ تعليمي ماهرن، بهترين استادن ۽ ماسٽرياڻيون جي نگراني ۽ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. هن سالياني تقريب ۾ آيل مهمانن کي تعليمي اداري جي منتظمين طرفان اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا.

بقايا سنڌيار 06

سهتو جي فرياد تي 4ڪ جوابدارن سهولت ڪارن سميت هڪ درجن کان وڌيڪ جوابدارن تي اغوا ۽ سهولت ڪاري جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. انهي سلسلي ۾ نياڻين جي والد علي نواز سهتو ميڊيا کي ٻڌايو ته سندس واپس ٿيل هڪ ننڍي نياڻي(ع) جو پوليس ميڊيڪل ڪرائڻ لاءِ تيار ناهي. جڏهن ته وڏي نياڻي (م.ن) اڃان پڻ جاڻايل جوابدارن جي قبضي ۾ آهي جنهن جي جان کي وڏو خطرو آهي ۽ تنڍو غلام علي پوليس ڪيس داخل ٿيڻ باوجود هيستائين ڪڪ پڇي پيشرو ڪري سگهي آهي جوبدار ٻاٽر هوڻ تي پوليس کين گرفتار ڪرڻ بدران ڪلي چوٽ ڏيو ويلي آهي علي نواز سهتر اهو پڻ ٻڌايو ته جوابدار ڏر سندن مٽائهن نياڻين جي اغوا وارو ڪيس داخل ٿيڻ تي وڌيڪ مجرمي ڪيس تان هٽ ڪٽڻ يا قيد نياڻي تان هٽ ڪٽڻ جون فون ذريعي مسلسل ڌمڪيون ڏيئي رهي آهي هن چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ آئي جي سنڌ پوليس ڪراچي،� آئي جي پوليس حيدر آباد ۽ ايس ايس پي بدين کان مطلبو ڪيو ته ٻاٽرن وٽ قيد مغوي نياڻي بازياب ڪرائي ڏني وڃي. اغوا ڪندڙ ۽ سندن سهولت ڪارن کي گرفتار ڪري سزا ڏياري انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 07

ڪي چتي ڪتي جي چڪ واري ويڪسين ڏني وئي جڏهن ته ٻي عورت جي حالت نازڪ هجڻ سبب ڪيس دادو موڪليو ويو زخمي عورتون پاڻ ۽ سس ۽ نڻهون آهن جيڪي زرعي زمين تي وڃي رهيون هيون ته ڪتي ڪيس ڏاڙهي وڏر عورتون هڪ ٻئي کي بچائيندي شديد زخمي ٿي ٻيون آهن جن کي تعلقه اسپتال بعد دادو منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا سنڌيار 08

تقريب کي خطاب ڪندي ايس يو پي تعلقه مانجهند جي صدر علي نواز ڪنڀر چيو ته ٻاٽر وڏيرو اختر پٽي غريب مسڪين مائهن جي 80 ايڪڙ زمين تي قبضو ڪري کين تشدد جو نشانو بڻائي پوليس جي مدد سان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي کين جيل موڪلي چڏيو جنهن خلاف هلندڙ جدجهد ۾ متاثر خاندان سان گڏ آهيون جسقر اڳواڻ گلشير ڪوسو چيو ته ٻاٽر پوليس جي مدد ۽ هٿياربندن جي مدد سان زمينن تان هٽ ڪٽائڻ چاهين ٿا جيڪو فيصلو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين متاثر عامر پٽي چيو ته وڏيري کين پوليس جي مدد سان ڪيس ڪاليج مان گرفتار ڪري ڪوڙا ڪيس داخل ڪري چڏيو پنهنجي ابن ڏاڏن جي زمين تان هر گز هٽ نه ڪنداسين مسئلو حل ٿيڻ تائين جدجهد جاري رهندي سماجي شخصيت سيد احمد شاه چيوٽ پٽي برادري جي غريب مائهن جي زمين ۽ پلاٽن تي وڏيرو هٿيارن جي زور تي قابض آهي جنهن خلاف قانوني رستو اختيار ڪيو ويندو زمينن جا ڪاغذ متاثر ڏر وٽ موجود آهن ان موقعي تي محمد ملوڪ ٽيپو بابل لطيف ڪوسو اڪرم ڪوسو ۽ پين پڻ خطاب ڪيو

بقايا سنڌيار 09

۽ ڏرٿو تفصيل مطابق سورجاڻي ٿاڻن پوسي 6 جي شهيد ڪانسٽبل محمد حبيب جي اصل قاتلن محمد بابو، عدنان اظهار، مزمل بيگ، سندن دهشتگرد ساٿارين سان گڏ سندن سرڪاري سرپرست، دهشتگردن جي ساڪي سب انسپيڪٽر طارق خالد ۽ سندس ڏوهاري ۽ قاتل ٽيم کي گرفتار ڪري جوڳي سزا ڏيڻ لاءِ نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ سان گڏ نشين ڪراچيءَ، سورجاڻي ٿاڻون جي پرياسي جي سياسي سماجي ڪارڪنن پاران، سورجاڻي ٿاڻن جي شهيد ڪانسٽبل محمد حبيب جي اصل قاتلن محمد بابو، عدنان اظهار، مزمل بيگ، سندن دهشتگرد ساٿارين، سندن سرڪاري سرپرست ۽ دهشتگردن جي ساڪي سب انسپيڪٽر طارق خالد، سندس ڏوهاري ۽ قاتل ٽيم کي ان ڪيس ۾ گرفتار ڪري جوڳي سزا ڏيڻ ۽ 40 ڏينهن کان سب انسپيڪٽر پوليس طارق خالد پاران ٻيڙهي باندي ٻڌائي رڪيل آفتاب احمد بروهيءَ جي آزاديءَ لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪري ڏرٿو هنيو مظاهرو ڪندڙن جي هٿ ۾ پلي ڪارڊ هئا، جن تي مٿي جاڻايل نعرا لکيا هئا اهي اپ ڏاريندڙ نعرا هئي رهيا هئا ته ٻيڙهي باندي ٻڌايل آفتاب بروهيءَ کي آزاد ڪريو ۽ شهيد ڪانسٽبل محمد حبيب جي اصل قاتلن کي گرفتار ڪريو احتجاجي مظاهرو ڪندڙن معشوق ڪيڙو سردار ملانو اياز سولنگي ۽ پين صحافين سان گڏ ڳالهائيندي ٻڌايو ته شهيد ڪانسٽبل محمد حبيب جا اصل قاتل سب انسپيڪٽر طارق خالد، سندس ڏوهاري ۽ قاتل ٽيم ۽ ڏوهاري گينگ جا ميمبر محمد بابو، عدنان اظهار، مزمل بيگ ۽ بيا آهن جن ڏاڪار ۽ ننڍا جوڳن مقصدن خاطر ڪانسٽبل محمد حبيب کي شهيد ڪري، ايس ڊي پي سربراه ممتاز بروهيءَ جي پٽن مٿان ان ڪيس جو ڪوڙو بهتان مڙهي 40 ڏينهن کان سندس پٽ آفتاب بروهيءَ کي ڪنيي گم ڪري چڏيو آهي احتجاج ڪندڙ چيف جسٽس سپريم ڪورٽ، چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ، سنڌ جي وڏي وزير، وزير داخلا ۽ انسپيڪٽر جنرل پوليس کي متين عملدارن ۽ سندن ڏوهاري گينگ خلاف جاچ ۽ جوڳي ڪارروائيءَ جي گهر ڪئي

بقايا سنڌيار 10

تنظيم مرف جي حوالي ڪيو ويو هو ته جيئن ضلعي جي عوام کي بهترين طبي سهولتون فراهم ٿي سگهن پر ابتو سول اسپتال ٺٽو ايت مڪلي ضلعي جي عوام کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جي بجاءِ ڪوس گهر ٻڌڻ لڳي جتي ايمرجنسي ۾ هر ايندڙ مريض جو علاج ڪرڻ بجاءِ ڪين ڪراچي جي اسپتالن طرف علاج ڪرائڻ لاءِ ريفر ڪرڻ شروع ڪيو ويو ۽ جيئن ٽائر گذرندو ويو مرف اين جي او سول اسپتال کي آڏوهي جيان هڏ ڪرڻ لڳي جنهن جي نتيجي ۾ ٽٽي جي غريب، مظلوم عوام کي مجبورن ڪراچي طرف علاج خاطر روانو ٿيڻو ٿو پوي جڏهن ته گذريل 3 ڏينهن پهرين سول اسپتال جي ايمرجنسي ۾ هڪ اٿوٽندڙ واقعو پيش آيو جتي مناسب علاج ۽ طبي سهولتون نه ملڻ ڪري ڪجه معصوم ٻارڙا تڙپي فوت ٿي ويا انهي سلسلي آڙ جي ڏينهن جئي سنڌ محاذ ٺٽو پاران هڪ احتجاجي ريلي پبلڪ پارڪ ٺٽو کان سول اسپتال ٺٽو تائين ڪڍي وئي جنهن ڪانپوءِ مين نيشنل هائي وي تي ڌرڻو پڻ هنيو ويو انهي موقعي جئي سنڌ محاذ ضلعي ٺٽي جي صدر امجد شورو، لاڙ عوامي فورم جي اڳواڻ ڪامريڊ حيدر شورو سميت پين اڳواڻن تقريرون ڪندي چيو ته مرف انتظاميا ٺٽي جي مظلوم عوام لاءِ هڪ قاتل حوروب ڏاري چڪي آهي ۽ مرف جو ڪريت انجارج ملڪ آدم ملڪ جيڪو مرف کي ملندڙ اربين روپين جي بجٽ هڙپ ڪري ضلعي جي عوام لاءِ الموت جو روب ڏاري چڪو آهي جنهن کي فورن هٽائي پيو انجارج مقرر ڪيو وڃي يا وري سول اسپتال کي سنڌ سرڪار پنهنجي تحويل ۾ وٺي ضلعي جي عوام کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪري پي صورت ۾ احتجاج جو ڏائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 11

چيو ته اسان جي پنهنجي زرعي زمين آهي جنهن تي ڪم ڪري رهيا هئاسين ڳوٺائنا ايوب ٻاٽ، عزيزالله ٻاٽ، شمن ٻاٽ ۽ انهن سان ڪجهه ماڻهو گڏ هئا انهن گڏجي ڪري اسان تي حملو ڪيو جن کي اسان پاڪ ڪتاب جا واسطا ڏنا پوءِ هنن اسان جي جند چڏي ۽ اسان کي موٽار ڏمڪيون ڏيندا هليا ويا ۽ چوندا ويا ته زمين تي ڪم ڪيو ويو ته اوهان خلاف سخت پنهنجي ذاتي ڪارروائي ڪنداسين. هن الزام هڻندي چيو ته تيمبدار شفيق پنهور جيڪو حملي آورن جي ڏر سان آهي جنهن تيمبدار اسان کان رشوت طور 2 لک روپيه ورتا آهن اسان ڊسٽرڪٽ ايندڙ سيشن جج دادو سميت پوليس جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ٿا ڪريون ته حملي آورن ۽ انهن سان ٻٽ پٽيل تيمبدار خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 12

احمد چانڊيو ڪئي، اجلاس ۾ بادي جي عهديدارن کي ڪراچي سٽي ڪورٽ ۾ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ سان ٿيل ملاقات ۽ ضلعي دادو جي طرفان ڪيل مهم بابت ورڪرن کي آگاهي ڏني وئي. جڏهن ڏسنڌ جي صدر جو پارٽي ورڪرن کي پيغام پڻ پهچايو ويو اجلاس ۾ اليڪشن جي تياري لاءِ ورڪرن سان رابطو تيز ڪرڻ ۽ عوام سان رابطا مهم وڌائڻ جو چيو ويو جڏهن ته اجلاس ۾ بادي جي عهديدارن منظور مستوئي، سيد لالا عبدالرحمن شاهه، عبدالخالق چارڻ، سخي سردار چارڻ سميت پين پي ٽي آءِ جي ورڪرن پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 13

وائيس چيئرمين ج ست ت غلام مصطفا سولنگ. تعلق محرابپور ونن ڪائونسل 18 صالح سهتو ج ضلع ڪائونسل ميمبرت حسين بخش سهتو ۽ ساڳي وس ج جنرل وارڊ ميمبر ت سجاد حسين ک ڪامياب قرار ڏنو وو آه جنهن ج ڪاماب جا نوٽڪشن به جارڪا وا آهن س6

بقايا سنڌيار 14

جون نياڻين جي تعليم بابت ڪوشش سارهه جوڳيون آهن. والد ميرمحمد ميمڻ ڪاليج جو ماحول بهترين آهي عامر ميمڻ. اسان جي اهائي ڪوشش آهي ته نياڻين کي معياري تعليم ڏيون ۽ والدين کي گهرجي ته اسان سان سهڪار ڪن ۽ نياڻين جي حاضري کي يقيني بڻائين پرنسپال قرات العين عباسي. رپورٽ موجب گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج نوشهروفيروز ۾ نياڻين لاءِ تعليم جي اهميت جي عنوان هيٺ هڪ والدين گڏجاڻي ڪئي وئي جنهن ۾ والدين پاران پرپور شرڪت ڪئي وئي جڏهن ته گڏجاڻي ۾ شاگردياڻين جي والدين ميرمحمد ميمڻ، عامر ميمڻ، ليائق راجپوت، درياءِ خان ڪوسو، رفيق سهتو ۽ پين گڏيل بيان ۾ چيو ته گذريل ڏهن سالن جي خاموشي ڪانپوءِ نئين مقرر ٿيل پرنسپال ڪاليج ۾ تعليمي پروگرام ڪري والدين کي شعور ڏنو آهي هنن حلف نامون جمع ڪرائيندي يقين ڏياريو ته اسان پنهنجي نياڻين کي ڪاليج ضرور موڪلينداسين. جڏهن ته شاگردياڻي جي والد ميرمحمد ميمڻ چيو ته نئين پرنسپال ميڊم قرات العين عباسي صاحبه جون نياڻين جي تعليم بابت ورتل ڪوششون سارهه جوڳيون آهن ۽ اسان کي ڪاليج جو ماحول اڳ کان ڪافي بهتر لڳي رهيو آهي ۽ اها خوشيءَ جي ڳاله آهي ته ڪاليج ۾ بهترين فيميل ليڪچررز ۽ پروفيسرز موجود آهن جن وٽان اسان جون نياڻيون گهڻو ڪجهه پرائيندبون .

بقايا سنڌيار 15

زخمي ٿي پيو هو جنهن کي انتهائي گڻتي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد جي سول اسپتال داخل ڪيو ويو. جتي سندس علاج هلندڙ هو جتي سندس طبيعت ۾ سڌارو نه اچي سگهيو ۽ زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪري چڏيو. جنهن کي متياري پرسان دفنايو ويو.

بقايا سنڌيار 16

هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي رهيا هئا. مظاهرين چيو ته ڪنڊڪوٽ جي پيو برادري سان ٿيندڙ زيادتيون ڪشمور پوليس حد کان وڌي وئي آهي ڏرهن ذي ضابطو آئڻ بدران پيو برادري جي بيگناهه مائهن کي گرفتار ڪري ڪوڙا ڪيس داخل ڪري کين تنگ ڪيو پيو وڃي، جيڪو سراسر ظلم آهي احتجاج ڪندڙن چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ پيو برادري جي ڳوٺ مٿان ڪنڊڪوٽ ايٽ ڪشمور پوليس جي ٽيم ايس ايس پي روحل ڪوسو، ايس ايچ او درائي مهر ۽ پين جي اڳواڻي ۾ ڳوٺ قياس آباد پيو تي چڙهائي ڪري اسان جي 8 کان وڌيڪ مائهن کي زبردستي گرفتار ڪيو هو گرفتار ٿيلن مان 6 جڻن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا. جڏهن ته بن جڻن احسان پٽ غلام مصطفيٰ پيو ۽ ساجد ولد ذوالفقار پيو کي اٽڪائل جاءِ تي قيد ڪيو ويو آهي ۽ مٿن دباءُ وجهي رهيا آهن ته توهان جو ڏوهارين سان واسطو آهي ۽ اهي پوليس جي گرفتاري ۾ مدد ڪن. اسان جي لکيو پيرا انڪار جي باوجود. اسان جو ڏوهارين سان ڪو به واسطو ناهي ۽ نه ئي اسان کي انهن بابت ڪا به ڄاڻ آهي. پر پوليس لاڳيتو اسان جي ڳوٺ تي چڙهايون ڪري رهي آهي.. هن چيف جسٽس آف پاڪستان کان پوليس جي زيادتين جو نوٽيس ورتو ۽ پين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ملوث پوليس اهلڪارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري بيگناهه گرفتار ٿيلن کي آزاد ڪرايو وڃي جيڪڏهن پوليس جي زيادتين جو سلسلو بند نه ڪيو ويو ته پيو برادري سجي سنڌ ۾ احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندي

بقايا سنڌيار 17

, چيئرمين ضلع ڪائونسل سڪر سيد ڪميل حيدر شاه ,ء پين جي شرڪت خبر موجب سڪر نيو يارڊ ڪالوني جي نازگرائونڊ ۾ منعقد ڪيل جلسي کي خطاب ڪندي اڳوڻي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاه چيو ته اوهانجون محبتن ، جڏهن ۽ پيار تي اوهانجو ٽورائٽو آهيان ايندڙ عام چونڊن 8 فيبروري تي ٻ ب چيئرمين بلاول پٽو زرداري ملڪ جو وزير اعظم ٿيندو توهان سڀ ٻ ب جو قيمتي سرمايو آهيو ٻ ب جو قيمتي سرمايو آهيو پيپلز پارٽي جي اها خاصيت آهي ته هتي جيالي کي اڳتي آندو ويندو آهي ڏکڻ ۽ سينٽرل پنجاب ۾ اسان جي مقبوليت وڌندي پئي وڃي هر هنڌ سلي موٽ ملي رهي آهي هن چيو ته روهڙي واسين جي ترقي وارا منصوبا هلي رهيا آهن هن چيو ته سنڌ ۾ دل ، جگر ، گوڏن ، ڪينسر جو علاج مفت ۾ ٿي رهيو آهي آصف علي زرداري اقتدار ۾ اچي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت غريبن ۽ مستحقن جي مالي معاونت ڪئي هن چيو سرسو جي ذريعي عورتن کي خود ڪفيل بڻائڻ لاءِ پروگرام ڏنو جنهن سان 12 لک عورتون پنهنجي گهر جو چرخو هلائي رهيون آهن هن چيو ته ٻ ب طرفان نوجوانن کي روزگار ۽ هنري سکيا ڏني وئي هن چيو ته هن ملڪ ۾ ڪورونا ۽ ٻوڏ سان گڏوگڏ ٻي ٽي آئي جي وبا به نازل ٿي جنهن مان به جان چڏائي سون هن چيو ته هن وقت ملڪ ڏکين حالتن مان گذري رهيو آهي جنهن جو ڏميوار عمران خان آهي هن چيو ته هن ملڪ ۾ آئي ايم ايف جي طرفان ڪل 23 پروگرام ڏنا ويا جنهن ۾ سڀ ڪان وڌيڪ اذيت ناڪ معاهدو عمران خان ڪيو هن چيو ته دهشتگرد اسان جي بهادر فوج کي نشانو بڻايو پيو وڃي جنهن تي هندستان خوش ٿي رهيو آهي هن چيو ته هندستان 9 مئي واري عمران خان واري سازش تي به خوش ٿيو هو هن چيو ته اسان لاءِ سڀ کا ۾ پهريان هي ملڪ ۽ نهادر فوج آهي هن چيو ته اڄ فلسطين ۾ مسلمانن سان ظلم جي انتها ڪئي پئي وڃي جتي مسلمان امت خاموش بڻيل آهن هن چيو ته ايندڙ وقت ٻ ب جو آهي اڳوڻي ايم اين اي نعمان اسلام شيخ چيو ته هن علاقي جي بزرگن جي دعائن ۽ نوجوانن جو ساٿ اسان جي ڪاميابي جو سبب آهي هن چيو ته هتي فلٽر پلانٽ ، ڪيٽل ڪالوني ، اسڪولن جي اب گريڊيشن سميت پين مسئلن کي حل ڪيو ويو هن چيو ته ڪورونا وائرس ، برساتي ٻوڏ سميت پين مسئلن ۾ اسان ساٿ ڏنو هن چيو ته اسان کي گڏجي بلاول پٽو زرداري ، بي بي آصف پٽو زرداري جا هٿ مضبوط ڪيا اوهان محترمه بينظير پٽو جو ساٿ ته ڇڏيو ته ان جي اولاد کي به اڪيلو نه ڇڏينداسين جلسي کي سيد ڪميل حيدر شاه ، ميرعقوب علي شاه ، محمد اسلم ميمڻ ، عرفان ڏائود پوٽو ، حاجي عبدالخالق سولنگي ، غوري بابا سميت پين پڻ خطاب ڪيو

بقايا سنڌيار 18

لڄائي، ڪيول پرمار، سياف اڳواڻ پرديپ سنڌي ۽ پين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي ڪشمير چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. احتجاج کي خطاب ڪندي ايس ايس تي مرڪزي صدر دانش پرمار چيو ته ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ڪي ايس پي پاليسي لاڳو ڪئي وئي آهي جيڪو سنڌ دشمن ٻٽي پاليسي آهي جنهن جي لاڳو ٿيڻ سان ڪراچي يونیورسٽيءَ ۾ ڪراچي کان علاوه سنڌ جي ڪنهن ضلع جو ڊوميسائل رکندڙ شاگرد داخلا نٿو وٺي سگهي، ڪي ايس پي پاليسي در اصل سنڌي شاگردن کي يونيورسٽي ۾ داخل ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ انتظاميه هڪ انتهائي قدم کنيو آهي، جنهن کي رد ڪيو وڃي، ٻئي پاسي ڊائود يونيورسٽي ڪراچي ۾ سنڌي شاگردن کي ريسٽيگيٽ ڪيو ويو آهي، 88 سنڌي ملازم به تعصب پرست وي سي ٿمرين عاصر برطرف ڪري ڇڏيا اهن. ڊائود يونيورسٽي ۾ سنڌ دشمن وي سي کي هٽايو وڃي ۽ سمورا شاگرد ۽ سنڌي ملازم بحال ڪيا وڃن. هاسٽل تان قبضا هٽايا وڃن انتهاپسند گروجميعت هڪ پيرو ٻيهر سنڌي پرولي خلاف نفرت جو اظهار ڪيو آهي اهڙي نسل پرست گروه تي ادارن ۾ پابندي لڳائي وڃي. وڪيل شاهنواز هڪورجي چيو ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ تازو ٽيسٽ بعد انٽرويو ۾ ريڪارڊ ڪرپشن ڪئي وئي آهي.

بقايا سنڌيار 19

ڪري سنڌن قبضي مان 25 ايٽر تيار ۽ اڻ تيار ٿيل ديسي شراب هٽ ڪرڻ جي دعويٰ ڪندي اي ايس آءِ محمد موسيٰ ٻهر جي فرياد تي قلم 3 /4 منشيات آرڊيننس تحت ڪيس داخل ڪري لاڪ اپ ڪري چڏيو آهي.

بقايا سنڌيار 20

۽ سندس زال پارڙن سميت احتجاج ڪندي روئيندي ٻڌايو ته رات دير سان چار هٿياربند گلشير پان عبدالڪريم پان ۽ ٻ نامعلوم گهر ۾ گهڙي هٿيارن جي زور تي اسانکي يرغمال بڻائي اسانجي 12 سالا معصوم ناري سمرين راجپوت کي اغوا ڪري کڻي ويا هن چيو ته اسانجي ناري فتين چونڊڻ رڪشا ڊرائيور عبدالڪريم پان سان گڏ روز فتين تي ويندي هئي ان اسانجي چوري کي اغوا ڪيو آهي هنن چيو ته اسان سجاتل جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪرايو آهي پر پوليس جوابدارن خلاف ڪاب ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي هنن ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪندي چيو ته فوري طور معصوم ننڍيگري بازيب ڪرائي انصاف ڪيو وڃي ته ته پي صورت ۾ ايس ايس پي نوشهروفيروز جي آفيس آڏو پاڻ کي باهه ڏئي ساڙي چڏينداسين.

بقايا سنڌيار 21

الدين پيو، سحرش ڪوڪرمحمد رضوان صديقي،سيد جواد شاهه، يار محمد سومرو، ارشاد ونڊيڻ، بابر ڪوڪر غلام مصطفا شيخ نياز حسين ابوپوٽو ۽ پين شرڪت ڪئي. اڳواڻن چيو ته روڊي افسوس سان چوٽڻ تي پوي ته 84 ڏينهن ٿي ويا آهن پر نگران سنڌ حڪومت شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن جي گرفتار نه ڪرڻ واري معاملي تي سخت نوٽيس وٺڻ بدران سڪر پوليس جي مختلف بهانن ٻڌڻ کان پوءِ خاموشي اختيار ڪئي آهي جنهن تي صحافي برادري ۽ شهيد جي وارثن ۾ شديد ڪاوڙ آهي اسان واضح ٿا ڪريون ته جيستائين شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٽڙندو وڃي احتجاجي تحريڪ جاري رهندي،احتجاج ۾ محمد اسلم ڊايوشاه ولي ناصر جعفري سليم ڊريهو ۽ پين شرڪت ڪري سڪر پوليس جي سست عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي ۽ شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن جي گرفتاري جي گهر ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 22

, ان موقعي تي لنڊ برادري جي عورتن، مردن، معصوم ٻارڙن، چڱل خاتون، پاڳل خاتون ،پروين ،الطاف لنڊ، حنيف ،مور ،سجاد ،اڪبر ،نادرءِ پين ميڊيا آڏو دانهيندي ٻڌايو ته پاڪستان لهڻ کان اڳ زمين اسان کي هاريءِ تي آهي پاڪستان لهڻ کانپوءِ فاروق لوڌي کي اها زمين ملي. جيڪا اسان کي اڄ تائين هاريءِ تي آهي اها زمين فاروق خان لوڌي ڪي ڏيڻ چاهي ٿو . اسان پرائا هاري سان گڏ پرسان اسان جا گهر آهن. اسان زمين مناسب رقم تي خريد ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. فاروق خان اسان کي زمين ڏيڻ لاءِ تيار نه آهي. جڏهن ته اسان جو پهريان خريد ڪرڻ جو حق آهي. اسان جي گهرن جي پرسان زمين آهي. انهيءَ معاملي تان فاروق خان لوڌي اسان جا 2 نوجوان نثار احمد لنڊ ،مور لنڊ پوليس کان گرفتار ڪرايا. پوليس روزانو اسان جي گهرن تي اچي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. پوليس ونگارون بڻيل آهي . اسان کي ڪرڙن ڪيسن ۾ قاسائڻ جون ڏمڪيون ڏئي رهي آهي. اسان کي ونگارو پوليس کان خطرو آهي هنن وڌيڪ چيو ته فاروق خان اسان کي زمين وڪرو ڏئي ۽ اسان مناسب رقم تي خريد ڪنداسين . هنن آءِ جي سنڌ پوليس ،نگران گهرو وزير، نگران وڏي وزير ۽ پين اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته زمين اسان کي ڏني وڃي ۽ احتجاج جو ڏائرو وڌايو ويندو.

بقايا سنڌيار 23

تعلقه اسپتال ميهڙ منتقل ڪيو وي ايس ايس پي داود شبير احمد سيئار موجب ترڙي محبت ٿائي جي حد ۾ پوليس مقابلي دوران هڪ بدنام ڏوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو آهي زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيل جوابدار ڦر ، چوري ، سميت مختلف ڪيسن ۾ گهربل هيو وڌيڪ سندن ڏوهاري رڪارڊ جانچ ڪري رهيا آهيون ۽ فرار ٿيل ساٿي ڏوهارين جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا وڃن ٿا

بقايا سنڌيار 24

ڏينهن) تي هڪ عوامي فورم "پاڪستان ۾ قابل تجديد توانائي جي رفتار لاءِ سياسي شرڪت" منعقد ڪيو ويو. تقريب ۾ سياسي پارٽين جي نمائندن، تعليميدانن، سماجي ڪارڪنن، ميڊيا ۽ شاگردن شرڪت ڪئي. ڳالهين جو مقصد سياسي پارٽين کي پنهنجي عوامي منشور ۾ صاف توانائي جي مطالبن کي شامل ڪرڻ لاءِ زور پرڻ هو تقريب کي خطاب ڪندي (سسٽين ايبل ڊولپمينٽ فائونڊيشن) جي سربراه (عبدالمجيد مگريو) چيو ته ملڪ کي معدني وسيلن جي پارڻ تي ٻڌل توانائي جي منصوبن تي پرڏسو ته ڪرڻ گهرجي، ان جي بدران قابل تجديد توانائي جي منصوبن جي نشاندهي ڪئي وڃي ۽ اهڙن منصوبن کي تيز ڪرڻ لاءِ پاليسيون ناهيون وڃن. پاڪستان اڪنامڪ سروي 23_2022 جي مطابق، پاڪستان وٽ 41,000 ميگاوات بجليءَ جي نصب ٿيل گنجائش آهي، ان جو 58.8 سيڪڙو ترسل پاور پلانٽس آهن. جيڪي بنيادي طور تي درآمد ٿيل پارڻ تي ڌارمدار رکن ٿا. جنهن سان ملڪ جي توانائي غير محفوظ بڻجي ٿي. پاڪستان مسلم ليگ جي اڳواڻ ۽ ميونسپل ڪاميٽي سانگهڙ جي ميمبر ميڊم سلما قريشيءَ تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته بجلي واري شعبي جي غير هدفي رعايتن، ادارتي رڪاوٽن ۽ غلط پاليسيون جي ڪري معيشت تي گردشي قرضن جو وڌيڪ بار وڌي ويو آهي. ان جو حل فوري طور تي توانائي جي سڌارن ۾ آهي. جنهن ۾ درآمد ٿيل پارڻ تي انحصار کي گهٽائڻ ۽ صاف توانائي جي ذريعن ڏانهن منتقلي شامل آهي. فورم کي پاڪستان مسلم ليگ ڦنڪشنل جي صدر علي حسن نظاماڻي ۽ پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي اڳواڻ محترم سي سبطين علي شاه پڻ خطاب ڪيو. فورم ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ته توانائيءَ جي شعبي کي درپيش اهم مسئ